ننڊ وليون

Gul Hayat Institute

شيخ اياز

ننګ ولیون

Gul Hayat Institute

ننڊ وليون

(شاعري)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلدس پبليكيشنس

تندو ولي محمد، حيدرآباد سند.

1992ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چاهٺ

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
تنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ڪمپيوٽچ سسٽمس هيرآباد حيدرآباد سنڌ.

ٽائيٽل ڪيليگرافي شاهد گل پيو

پهريون ايڊيشن آڪٽوبر 1992ع

قيمت -/55 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

NIND WALYOON (Poetry). Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition Ocotober 1992. Price Per Copy Rs. 55/-

Gul Hayat Institute

انتساب

اي موهن جي دڙي جي ڌرتي! جي
مان پيهر جنمڊس ته وري تنهنجي
واريءَ ذرڙن موٽي ايندس.
مون کي ٻي ڌرتيءَ تي نند
نه ايندي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

مهاڳ

مان ۽ رباني جڏهن شڪوهيءَ ۽ شيلا وٽ رات جي مانيءَ تي ايراني ڪلچرل سينٽر ۾ هوندا هئاسين تہ پنهنجيءَ ڪيفيت ۾، اڌ رات جو گڏجي امير خسروءَ جو هينيون شعر گنگنائيندا هُياسين:-

همه آهوانِ صحرا سَرِ خود نهاد برکف
بہ اُميد- آن کہ روزي بشکار خواهي آمد

(ترجمو: رڻ جا سَڀ هَرڻ پنهنجا سِرَ ترِيءَ تي رکي آيا، انهيءَ اُميد تي تہ تون ڪڏهن نہ ڪڏهن شڪار ڪرڻ ايندين)

مون تي جڏهن شاعريءَ جي ڪيفيت طَاري ٿيندي آهي (اڳي مهينو ڪن ٿيندي هُئي ۽ هاڻي سال کان وڌيڪ وقت ٿي ويو آهي تہ اوڙڪون ڪري وسي رهي آهي). تڏهن ڪائنات جو هر ذرو سِرُ ترِيءَ تي ڪنيو بيٺو هوندو آهي تہ مان تنهنجي شڪار لاءِ آهيان. ڇا چنڊ، ڇا ستارا، ڇا ڪَتيون، ڇا هي اڪٽ سنسار، ڇا اُن جا وَن واس وارا قول، وليون ۽ هرٽيءَ جي اڪين واريون ۽ گهنگهور گهٽائن جهڙيون من- موهٽيون ناريون، سڀئي پنهنجو پاڻ آڇي چوندا آهن تہ اسان کي منظوم ڪر. اسان جي حُسن کي پايندگي عطا ڪر. زندگيءَ ۾ موت کي مسترد ڪري، اسان کي ان ازل ابد سان همڪنار ڪري ڇڏ

Gul Hayat Institute

جو تُنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڇوليون هڻي رهيو آهي؛ تون جو موت کان مثانهون آهين، اسان کي اُن امرتا مان ڇُڪي ڏي جا، اسان جي سونهن کي ڄمر موت جي چڪر مان آزاد ڪري ڇڏي.

ان تي سوچيندي مون کي آندري بريتون جو هيٺيون سُوريئلي شعر ياد ايندو آهي.

* ڪَويءَ جو ڀڪ
پيارَ جي ڀڪ وانگر
جيستائين ڀڪيو رهندو آهي،
تيستائين هن سنسار جي ڏکَ ۾
واپس ورڻ نہ ڏيندو آهي.

ماضيءَ، حال، مستقبل جي ڏارا روڪجي ويندي آهي ۽ منڇر جي ڇَر تي ويندي آهي، جنهن تي مانگهہ جا تارا، مڇين وانگر نہ رڳو پاڻيءَ ۾ ٽُبڪندا آهن پر اُنهن آڙين جي اکين ۾ بہ تمڪندا آهن، جيڪي ڪنهن وقت سَرن ۾ ڪائي سَر سراهڻ بُڏي جاڳي پونديون آهن ۽ ڇَر تي مَست هوا مون کي پنهنجي آغوش ۾ وٺي چوندي آهي، ”هر ڪوئي توتي اَڪن ڇَڪن آهي. اُنهن کي پنهنجي اَمرتا ڏي، اَمرتا جا تُنهنجي ٻولي اُن لفظ سان وراهي ٿي، جنهن ”ڪُن“ چئي هئي ۽ جو ڪجهہ بہ ڪونہ هو، اهو وجود ۾ آيو هو. نيستي هستيءَ ۾ قلي قولي هئي؛ تُنهنجي تخليق، جنهن جو تون خالق آهين، پنهنجي پاڻ ۾

* The poetic embrace like the carnal, while it endures
Forbids all lapse into the
miseries of the world
(Andre Breton)

Gul Hayat Institute

اِهو اِسرار سَمائي ٿي جو تون بہ شعوري طرح نہ ٿو چاھين!‘

اٺين صديءَ جي مشھور ھندستاني فلسفيءَ شنڪر آچاريا کان ڪنھن پُڇيو ھيو ”تون اسان کي ھيءَ سِرشٽيءَ سمجھائي سگھندين؟“ اِن تي شنڪر آچاريا چيو ھو: ”ڏرتي تان ھي ٻڙ جو ٻج کڻ! انھيءَ کي ڀڃي ڏس تہ اُن ۾ ڇاھي؟“

سوال ڪندڙ ٻج ڀڃي چيو ھو تہ ”اُن ۾ تہ ڪجھہ ڪونھي“ تنھن تي شنڪر آچاريا چيو ھو ”ان ’ڪجھہ بہ نہ‘ مان ھي سارو وڻ ۽ ان ۾ سڀ ڪجھہ پيدا ٿيو آھي“.

انسان جو ’ڪجھہ بہ نہ‘ آھي، ’ڪجھہ بہ نہ‘ ۾ موٽي وڃي ٿو، پاڻ ۾ انھيءَ ٻج جو صلاحيتون ڪيئن ساندي ٿو، جو اھو نہ رڳو سائي دار ٻڙ ٿئي ٿو پر اُن جي چوٽيءَ تي پوئين پَن مٿان ھڪ نرم ۽ نفيس ڪيڙي وانگر ھن ڪائنات جو مشاھدو ماڻي ٿو ۽ اُن ٻڙ ۾ جيڪي ڌرتيءَ کان ٻاھر آھي، ان حصي کان گھٽ اھم آھي جو ڌرتيءَ جي اندر آھي ۽ ان مان خورش حاصل ٿو ڪري ۽ اُن کي واڇوڙي ۾ جهَل ڏئي بيٺو آھي.

Gul Hayat Institute

مون ان شاعريءَ ۾ فرائڊ واريءَ اندرئين حقيقت کي بہ ڏٺو آھي ۽ اُن سان گڏ آندري بريتون، لوئي آراگون، ترستان زارا (Tristan Tzara) جو نظم ۾ ٻاھرينءَ حقيقت سان ھيگل جي فلسفي وانگر نياءُ بہ ڏٺو آھي، مون خود محسوس ڪيو آھي تہ ڪيئي شيون گڏجي مون کي چوَن ٿيون ”اسان کي پنھنجن ٽُنرن ۾ ٽُڙڪڻ ڏي“. مون ويھارو سالن جي ھڪ عجيب و غريب عورت ڏٺي، جنھن کي ھرٽيءَ جھڙيون اکيون ھُيون، اھڙيون اکيون مون اڳي ڪٿي نہ ڏٺيون آھن. ڪُومَل، ملايم،

گهريون، موهٽيون، مقناطيسي اکيون، جن ۾ حرص و هوا جو ٻارڻ ٻري رهيو هو، هُن کي پورا ناسي وار هُيا جي هُن جي مُنهن تي ڇَرڪي رهيا هيا. اُن پنهنجين اکين سان اِلتجا ڪئي ”مون کي منظوم ڪر!“

مون ڪتي پڙهيو آهي تہ پئرس ۾ اهڙو دؤر بہ هُيو جڏهن دي اَنيونزو (D' Annunzio) جي پوڇا اهڙيءَ چوٽَ تي پهتل هئي، جو هُن جي دور جون ڪيتريون ئي خوبصورت عورتون هُن سان عشق ڪرڻ لڳيون هيون. اُن وقت هن پنهنجي هر لاڏلي ۽ گهٽگهري جي ويس کي جرڪائي ڇڏيو هيو. انهن مان هر هِڪ فاني بَنيِ بشر کان مٿي ٿي لڳي، جِنِ عجيب و غريب تجلي جي گهيراوَ ۾ هئي، جنِ وچ ۾ ڪائي زيتونن سان پرپور تاري لڳي رهي هئي. جڏهن شاعر جو پُور پورو ٿيو، تڏهن تجلي گم ٿي وئي ۽ عورت ساڌارڻ مٽيءَ جي مورتي نظر آئي، جنهن پاڻَ بہ نہ ٿي ڄاتو تہ هن کي ڇا ٿي ويو هو، پر هُن کي معلوم هو تہ هُن جا پير ڌرتيءَ تي وري کُتا آهن. اها ڪيفيت پنائيءَ يا منهنجيءَ شاعريءَ ۾ نہ آهي. ڪُنُ جا ڪڙڪا ۽ وچ جا ڪڙڪات ٿي رهيا آهن. پيلو پَڇي پيو آهي، سُهٽي چَنڊ جي روشنيءَ ۾ اڪي وانگر سهٽي آهي ۽ درياهہ ائن قيراتيون ڪائي رهيو آهي، جيئَن مستانا پيرن جا زنجير گهليندا آهن. نہ مون سهٽيءَ کي ٻوڙيو آهي، نہ پنائيءَ ٻوڙيو آهي. جيئَن پنائي جي ’منڌ مهراڻ کي ٻوڙيو آهي، اِئين مُنهنجي سُهٽي تا اَبد لهرين ۾ لُڙهندي رهندي ۽ ٻُڏي نہ ٻڏندِي، مون شاعريءَ کان دمِ۔ عيسيٰ ۽ يد۔ بيضا وارو ڪم ورتو آهي ۽ جڏهن شعر لکيو آهي تڏهن ماضي، حال ۽ مستقبل ساهہ کڻڻ ڇڏي ڏنو آهي تہ

جيئن منهنجيءَ تخليق ۾ مُخل نہ ٿين.

ان ريت نہ فقط خوبصورت عورتون پر آرٽ جا ڪيئي شهپارا مُنهنجي تحت الشعور ۾ رهيا آهن، جنهن وقت مون شعر لکيو آهي. (هونءَ بہ خدا جميل آهي ۽ يحب الجمال آهي. هر خوبصورت شيءَ هُن پنهنجي خاص تُوجّه سان ٺاهي آهي). هِن وقت جڏهن مان بستري داخل آهيان، مون کي ريمبرانٽ (Rembradnt) جي تصوير پول گهڙي سوار (Polish rider) ڪيئي ڪَهاڻيون ٻُڌائي رهي آهي. ان تصوير ۾ رومان آهي، تنهائيءَ جو شدت سان احساس آهي، اِهو خطرو بہ نظر اچي رهيو آهي جو جنگ ۾ ڪنهن بہ سپاهيءَ کي پيش اچي سگهي ٿو. آس پاس کنڊر آهن ۽ گهوڙي جي مُنهن توڙي گهوڙي جي ٽاٽيل ناسن مان اُن جي جاکوڙ پڌري آهي. اِن هوندي بہ سوار بي پَئو آهي ۽ سِرَ جو خيال لاهي وڃي رهيو آهي. ممڪن آهن تہ جنهن انڌيري مان هن کي وڃڻو آهي، اُهوئي موت جو انڌيرو ثابت ٿئي. اها تصوير منهنجي اکين ۾ آهي، جڏهن نرس اچي مون کي پٿيڊرن جي انجيڪشن هڻي ٿي ۽ ٿوري دير ۾ مون تي بيهوشي طاري ٿي وڃي ٿي.

جيئين ئي زندگيءَ جي اختتام جو احساس مون ۾ وڌي ويو آهي اُئين مون پنهنجي نثر ۽ نظم کي تيز تر ڪري ڇڏيو آهي ۽ بقول علامہ اقبال:

هستم اگرمي رَوَم، گر نہ رَوَم نيستم

(آهيان جي هلان ٿو ۽ جي نہ ٿو هلان تہ نہ آهيان)

مون اڳ ۾ ئي چيو آهي تہ هيگل ٻاهرينءَ حقيقت تي زور ڏيندو هو پر مون هينئر ٻاهرين حقيقت ۽ اندرين حقيقت کي

ائين پيش ڪيو آهي، جو اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي تہ اوليت ڪنهن کي آهي. ٻاهرين حقيقت جا بہ مُنهنجيءَ شاعريءَ تي ڪافي ٻاڇاوان آهن. مون ڪَدِهن بہ اِضافي (Relative) نہ سمجهيا آهن، جيئن اشتراڪي دانشور ڪرسٽافر ڪاڊويل (جو اسپين جي جنگِ آزاديءَ ۾ ماريو ويو هو) پنهنجن ٻن ڪتابن مرندڙ ثقافت جو مطالعو (Studies in dying culture) ۽ 'مرندڙ ثقافت جو وڌيڪ مطالعو' (Further Studies in dying culture) ۾ ڏيکاريو آهي ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ محبت، دوستي، وفاداري، غيرت، شرافت، عزّت نفس وغيره جاگيرداري دؤر جا قدر آهن. مون هميشه اهي قدر مستقل (Absolute Values) سمجهيا آهن. سونهن جو تصور، جو مون هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي، اهو بہ ڪراسٽافر ڪاڊويل جي تصور کان مختلف آهي، جنهن جا قدر مان بلڪل مسترد ڪيان ٿو ۽ اُنهن جي مادي تاويل کي ڪميونزم جي تباهيءَ جو ڪارڻ ۽ اُن ۾ ابليس صفت انسانن جي موجودگيءَ ۽ نمائنده حيثيت جو سبب سمجهان ٿو، جنهن ڪري يو- ايس- ايس- آر ختم ٿي وئي.

تائوءَ (Tao) جي هڪ پُراڻي چوٽي آهي تہ ڪنهن بزرگ ننڊ ۾ خواب ڏٺو هو تہ هُو پوپٽ آهي. جڏهن هن کي ننڊ مان جاڳ ٿي تي ان ڳالهہ تي اچرج ڪاڏائين تہ خواب ڪير ڏسي رهيو هو! ائين تہ نہ هو تہ هو پوپٽ هو ۽ تصوّر ۾ ڏسي رهيو هو تہ هُو فلسفي هو؟

بيماريءَ ۾ بہ منهنجو من پوپٽ وانگر ڦلواڙيون ڦرندو

Gul Hayat Institute

رهيو هو، نہ رڳو من- موهڻا ماڻهو اکين اڳيان ڦرندا ها پر اهي صحبتون، اُهي سير، اُهي سفر، اُهي گل، ٻوٽا، وَليون، واهہ، رستا، رَميل راتيون، ڇَميل ڪچهريون، اهي ڇهرا جي تاريخ جي طوفان ۾ اخبار جي پنن وانگر اُڏامي ويا، اهي پيار جي سياست جي ستم ظريفيءَ جي باوجود زنده رهيا ۽ ائين تِڙي پيا جيئن برسات ۾ ترُ تِڙي پوندو آهي ۽ جڏهن مورُ رقص ڪندو آهي، تڏهن ڪڪر اُن کي جُهڪي داد ڏيندا آهي ۽ شفق انهن ڏانهن اشرفيون اُڇليندي آهي. اهي سڀ ياد اچي رهيا ها. مُنهنجو بيماريءَ جو بسترو تہ نہ هو اُمراءِ جان اَدا جو مُجرو هو ۽ نيم خوابيءَ ۾ هر ڊاڪٽر مرزا رُسوا وانگر نظر اچي رهيو هو. ڪيئي يادگيريون سانوڻ جي گهنگهور گهٽائن وانگر ڇانئجي ويون هُيون. پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي رهيو هو. شڪارپور جا باغ، ٻڌرا ۽ لوڙها، کوهہ ۽ کُهاڏا، هُرلا ۽ نار، واهہ ۽ ڪَڙيا، ڪَنواٽيون ۽ ٻاجاريون، وڏندڙ اوپڙ ۽ ٻارا، انهن ۾ وچِايل واهہ جي مٽي، قَلم ۽ اوڏ، ڪُونڊيون ۽ ٽيڪوُن، ڪوڏريون ۽ ڇنجوُر، رَنبا ۽ ڏانداريون...... ڇا ڇا نہ پئي ياد آيو...! هو سوُيٽ، جن کي مان احتياط سان ڪٽندو هوس تہ جيئن اهي ٻوپٽ تي اُڏري وڃن ۽ ايئن ئي انهن جا ڪچا ٻَر پٽجي نہ پون ۽ هو ٻوساتجي نہ مرن (جا ڳالهہ مون کي اڪثر پيار جي معاملي ۾ ياد ايندي آهي) هو ماڪوڙين ۽ ڪِولين جا ٻِرَ جن تي مان لَت ڪڏهن بہ نہ ڏيندو هوس، هو ڳاڙهين ٽنڊڻيون جي تازا ساوا پن ڪائي ويندڙيون هُيون، جيئن ڳيرو الهڙ جوانيءَ ۾ عشق ڪندا آهن، هو ڏيڏريون جن کي ڇيپاٽڻ گناهہ سمجهيو ويندو هو، توڙي هُو ٽَر ٽَر گهڻي ڪنديون

هيون، هوءَ وڻن جي ڇانگَ جا موت وانگر با معنيٰ هئي ته جيئن نوان گوُنچ ڦٽي سگهن ۽ انهن جي اُوسر ۽ والار لاءِ جاءِ بچي سگهي، هُو باغن ۾ تورين ۽ ڪريلن جو وليون جن جا ذرتيءَ تي اچا ۽ پيلا گل. ٻارن جي چمين وانگر پڪڙيل هوندا ها! هو پٽائي جو تمثيلي اطلاع ’سوئا، پالڪ چوُڪا‘ جو هاڻي مونکي بار بار ياد اچي رهيو آهي. ’پلڪ ستين ته ڇُڪِي وئين‘ ۽ مان جنهن وقت ننڊ جي گورِي وٺندو آهيان تنهن وقت خدا کي چوندو آهيان ته ’يا خدا، تو وٽ پنهنجي زندگي رات جو امانت رکان ٿو ۽ صبح جو توکان موٽائي وٺندس‘. جڏهن صبح جو ننڊ مان اٿندو آهيان ته خدا جو شڪر ڪري چوَندو آهيان ته ’تو مون کي هڪ ڀيو ٻه ڏينهن ڏنو‘؛ جڏهن سج جي ٽيڪ ۾ سورج مُکيءَ جا گل ٽِڙندا تڏهن ممڪن آهي ته سورج مکيءَ جا کيت ڏسي دنيا ۾ هڪ ڀيو ٻه وان گوگ پيدا ٿي پوي! آخر دنيا هڪ ئي ته وان گوگ پيدا ڪيو آهي، جنهن آرٽ کي پنهنجو جيوَن اَرپن ڪيو، جنهن جا پيلا رنگ ڏسي ماڻهو ائين چوڻ کان نه رهندا ها ته خدا کي جي ڪوئي رنگ هجي ها ته اُهو پيلو هجي ها. پيلو رنگ معصوميت جي نشاني آهي ۽ منهنجو پسنديده رنگ آهي. معصوميت معصيت جو ضد آهي ۽ خدا پنهي کان مٿي آهي ۽ اُن جو ڪو رنگ ٿي نه ٿو سگهي. ’بي رنگيءَ رنگ بنايا اِيَ‘ شايد سچل سرمست جي سِٽَ آهي. (سچل کي خبر نه هئي ته سندس نالو اِضافي آهي ڇو ته سرمست سڀ سچل ٿيندا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته سڀ سچل سرمست نه ٿيندا آهن).

سو مون چيو ٿي ته بيماريءَ ۾ مون کي ڪيئي گل ٻه ياد

اچي رهيا ها، جن جي وچ ۾ مون زندگي گذاري هئي ۽ مان چئي نٿو سگهان تہ بهشت جي باغ ۾ ايترا گل هوندا يا نہ! انهن گلن ۾ هڪڙو گل رابيل جو هو ۽ فرشتا هوندا تہ اُنهن جا ڳِل اُنهيءَ گل جهڙا هوندا (تڏهن تہ امير خسرو پنهنجي فارسي شاعريءَ ۾ نٽي جي موتئي جو ذڪر ڪيو آهي)، ۽ هوءَ جا رابيل جهڙي هوندي هئي ۽ اڃا تائين منهنجي من ۾ ڪڏهن بہ نہ مُرجهائي آهي! هو رابيل جهڙا قرني جا گل جن سان شاهي باغ جهنجهيو پيو هوندو هو ۽ جن جي تيز خوشبو انهن محبوبائن جي شوخي ياد ڏياريندي هئي، جي پيار جي اظهار کان وَنءُ ويندي يون هيون. مون نندپڻ ۾ ڪيئي شرم ۾ ٻوٽيون ڏٺيون. جيستائين هڪ سورجُ مکيءَ سان ملاقات ٿي، جنهن پيار جي تاوَ ۾ پنهنجو پتيون کولي ڇڏيون هيون. هُو شاهي باغ ۾ جُهڙالا ڏينهن ۽ چانڊوڪيون راتيون، هو غالب جي فارسي غزلن وانگر رنگا رنگ گلاب، دائودي، نازبو، زنگي، چنبيلي، مُگرا، چمڪٽيءَ جا پيلا ڇُڳا، جيءَ ۾ پيهي ويندڙ جَرينيم، گل عباسي، گل اشرفي، هو واڱڻائي، ڪاري، لال تُلسي ۽ رام تُلسي جنهن کي هندو پوڄيندا ها ۽ مون هڪ هندوءَ ڇوڪريءَ کي چيو هو ’هائو، تون تُلسيءَ جي ٻوٽي وانگر پَوتر آهين پر توکي بہ جي پاڻي نہ ملندو تہ مرجهائجي ويندينءَ‘.

پيا بہ ڪيترائي گل ٿيندا ها شاهي باغ ۾، ۽ هو توت، انب، زيتون، انجير جن تي هيڙها ۽ طوطا اَڏامي ايندا ها، هو بيگاري ۾ ٽُبڙڪا ڏيندڙ مَڇيون- اُهي سيئي مون کي چوندا ها ’ائين نہ وڃ، اسان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اَمر ڪري وَڃ!‘ مان

چئين بجي صبح جو باغ ۾ ويندو هوس، جڏهن چنڊ رستي تي شوالي جي ڪَلس تي بيٺو هوندو هو ۽ نيرن وقت موٽي ايندو هوس. وري باغ ۾ موڪل جي ڏينهن ڪتاب کڻي ويندو هوس ۽ سڄو ڏينهن اُتي گذاريندو هوس ۽ اُتي ئي مون شاهه، سچل ۽ سامي پڙهيو ۽ انهن جا بيت، ڪافيون ۽ سلوڪ رابيل ۽ قرني جي خوشبوءَ سان واسجي ويا.

رِلڪي چيو هو ته هڪ مشاهدي کي شعر جي سٽ ٿيڻ لاءِ ڪڏهن چاليهارو سال لڳي وڃن ٿا. مان جڏهن بيمار هوس ته اسپتال جي ڪمري ۾ هوندي به ڄڻ هڪ وڏي باغ ۾ هوندو هوس ۽ جڏهن ڪوئي دوست گل شبو تحفي طور موڪليندو هو، تڏهن ڄڻ ڪنهن بهشت جي شاهي دروازي جو ڪلف کولي ڇڏيندو هو. مون کي پَڪ هئي ته موت مون کي ماري خساري ۾ ويندو ڇو ته اُنهيءَ تجوڙيءَ جو ڪُنجيون ته هُو مون کان ڪسي نه ٿو سگهي جنهن ۾ مون وٽ اُهي هيِرا آهن، جي سومنات جي هيِرَن کي به مات ڏئي سگهن ٿا. جي غزنيءَ کڻي ويا ها. هو اُهي سرءُ ۽ سيارا، بسنت ۽ اونهارا ڪداچت وڃائڻ نه چاهيندو جي مون من ۾ سانيي رکيا آهن ۽ ان انتظار ۾ آهن ته ڪڏهن ٿا اسان ڪويتا جو روپ وٺون!

اِهي سڀ جاڳ- سَپنا مُنهنجي من ۾ هڪ سرئيلسٽ شاعر وانگر ايندا ها. سرئيلسٽ شاعرن شاعريءَ جي شروعات فرانس ۾ ڪئي هئي ۽ جي قبل از وقت ختم ٿي ويا، ڇو ته اُهي فرائڊ ۽ هيگل جا مداح ها. جي ٻئي جرمنيءَ جا ها ۽ فرانس جون جرمنيءَ سان جنگيون ڇڙي پيو هُيون ۽ هنن جو آرٽ تعصب جي زد ۾ اچي ويو هو ۽ اُها تحريڪ گهڻو وقت هلي نه سگهي

Gul Hayat Institute

هئي، نه ته اپالو نيئر ٿي ’هڪ رانجهو لکان دا مٺ‘ هو، آندري بريتون ته اجا ٻي انمول شيءِ هو.

شايد قدرت چاهيو ٿي ته مان پنهنجي زندگيءَ تي سارو وقت سوچي سگهان ۽ ان ڪري مون کي بستري داخل ڪيائين، جو ته مان به ته غالب وانگر چوندو رهندو آهيان:-

فکر دنيا مين سَر کهپاتا مين

مين کهان اور يه وبال کهان!

منهنجي هن ڪتاب ۾ حقيقت نگاري به آهي ۽ سرئيلزم به آهي. مان ٻانيان ٿو ته سرئيلزم سٺلويڊار ڊاليءَ جي موت سان گڏ ڪجهه سال اڳ مئي نه آهي ۽ دنيا ۾ وري ڪنهن وقت اُڀري ايندي ۽ خواب ۽ حقيقت هڪ اِڪائيءَ وانگر ٿي ويندو.

حقيقت مري ويندي آهي، خواب نه مرندا آهن. خواب فقط ٿوري وقت لاءِ وسري ويندا آهن. ڪنهن وقت اُهي خواب- پريشان وانگر ٽٽي مونجهاري ۾ ڇڏي ويندا آهن، پر شاعري جنهنجو بنياد خواب آهن، اَمر هوندي آهي ۽ اُن کي ڪوئي زلزلو ڊاهي نه سگهندو آهي.

Gul Hayat Institute

مون بيماريءَ ۾ ڊاڪٽرن جي مشوري خلاف شاعريءَ جا ٽي جلد (اٽڪل پنڌرنهن سَوَ صفحا) ’ڪتين ڪَرَ موڙيا جڏهن‘ جي نالي سان، ۽ جِلد ’سورج مکيءَ سانجهه‘ (اٽڪل ڇهه سو صفحا) جي نالي سان ۽ نثري شاعريءَ جا ڇهه جلد ’سر لوهيڙا ڳيپيا‘ جي نالي سان (اٽڪل ١۴٠٠ صفحا) لکيا ۽ هي ڪتاب ’ننڊ وليون‘ به لکيو . مون موت کي چيو ته ’ترس! مون تي ڪيترين ئي محبتن جو قرض آهي، ڪيترن ئي ڳلن، ڳچين ۽ چَپن جو قرض آهي جي مون چُميا ها ۽ جن وَرائي مون کي

چمبيو هو، انهن ڊگهن وارن جو قرض آهي جي مون لَسايا ها ۽ جي ڳراٽين پائيندي منهنجن ڪُلهن تي ڪِريا ها. انهن راتين ۽ اُنهن باڪن جو قرض آهي جي منهنجي ٻڪ ۾ گذريون هُيون. مون کي اهو قرض لاهڻ ڏي! انهن سِينِي کي شاعريءَ، ۾ زنده جاويد ڪرڻ ڏي! مان هي دنيا هڪ مفرور قرضيءَ جي حيثيت ۾ ڇڏڻ نہ ٿو چاهيان' ۽ پوءِ هن مون کي مهلت ڏني آهي، منهنجيءَ مرضيءَ موجب مهلت ڏني آهي. اڃا تہ منهنجي اندر جي مانسرووَر مان ڪيئي نديون ڦٽيون آهن ۽ گَڙگات ڪري وَهِنديون آهن. ڏسجي تہ موت ڪيترو وقت انتظار ٿو ڪري! متان مان هُن کان وِسري وڃان!!

هي ڪتاب ڏسي جيڪڏهن ڪو اشتراڪي آدرشي پنهنجي نَڪ کي موڙو ڏِئي تہ مان هن کي پڪاسو جي زندگيءَ مان هڪ واقعو ٻڌائيندس:-

هَڪ ڀيري ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪانگريس ڪيترائِي اهم ماڻهو، پِڪاسو سوڌا * وارسا ۾ گهرايا هئا. پول گهٽو ڪري فراخدل ۽ خودمختيار رهيا ها (هاڻي تہ ماسڪو جي غلاميءَ مان آزاد ٿي چُڪا آهن ۽ اُتي ليڪ وليسا جي ساليڊارٽيءَ جي حڪومت آهي) ۽ اُنهن کي اهو خواب خيال بہ نہ هُيو تہ اُتي ڪوئي پڪاسو جي مصوّريءَ تي سياسي تنقيد ڪندو. مانيءَ جي خاتمي تي، جڏهن شراب جا جام پيتا وَيا، تڏهن سوويت يونين جي عيوضين مان هڪ اُٿي بيٺو ۽ چيائين تہ هو اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هو تہ پڪاسو بہ ڪانگريس ۾ آيو هو پر ان ڪانپوءِ چيائين تہ 'اها افسوس جي ڳالهہ آهي تہ

* وارسا: پولنڊ جي گادي.

پڪاسو جي مصوّري تخريبي آهي ۽ هو مغرب جي بدترين بورجوا ڪلچر جو نمائيندو آهي'. هن پڪاسو جي مصوّري کي اِمپريشنسٽ- سَرئيلسٽ (Impressionist- Surrealist) مُصوّري ڪوٺيو. جڏهن هو ويهي رهيو ته پڪاسو اُتي بيٺو ۽ هُن کي چيائين: 'مون کي اهو نه ٿو وڻي ته ڪوئي پارٽيءَ جو وَهُو ڏِڳو (Party hack) مُنهنجي باري ۾ اِئين ڳالهائي. بهرصورت مونکي اِمپريشنسٽ- سَرِئيلسٽ مصوّر چوڻ ايترو اثرائتو ڪونه آهي؛ جيڪڏهن هُن کي منهنجي توهين ئي ڪرڻي آهي ته هو درست اصطلاح ڪم آڻي ۽ ڪيوبزم (Cubism) جي باني هجڻ جو الزام مون تي ڌري'. پِڪاسو وڌيڪ چيو ته مون کي "جرمنيءَ ۽ فرانس ۾ نازين اِهو چئي نِنديو هيو ته مان يهودي- مارڪسٽ (Judaco- Marxist) مصوّر آهيان ۽ اهڙي قسم جي گفتگو تاريخ جي بُري دؤر ۾ ٿيندي آهي ۽ اهي ماڻهو ڪندا آهن جي تيچ هوندا آهن....." اِن تي ڪانگريس ۾ آيل عيوضي جوش ۾ اَچي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جا اعتراض ٿيا. پولَن سيني کي ٺڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيو ته 'شايد پڪاسو جون ڪجهه تصويرون تخريبي هُيون پر روسين کي هُن جي مهمان جي توهين ڪرڻ جو حق نه هيو."

اِهي روسي بيوروڪريٽ جي آرٽ جي باري ۾ نِرا ڍِڳا هُيا. انهن کان ته گوئرنگ هزار ڀيرا چڱو هيو، جنهن يورپ مان ڦُر ۾ هَٿ آيل آرٽ پنهنجي قبضي ڪيو هو ۽ ان کي جِند جان کان وڌيڪ پيارو ڀائيندو هو.

اڄ ڪلهه ماسڪو ۾ اُهي گدام کوليا ويا آهن، جتي آرٽ جا شهپارا، جي بورجوا ۽ تخريبي چئي هڪبئي مٿان سَٿيا ويا ها

۾ گڏامَن ۾ تالي چاٻيءَ هيٺ رکيا ويا ها. ساڳيءَ ريت منهنجن ڪتابن تي اسلام آباد جي بيوروڪرسيءَ بندش وڌي هئي، جا ڪُند فهميءَ ۾ ادب کان اڻ ڄاڻائيءَ ڪري وڌي وئي هئي. هتان جا فاشسٽ حاڪم ته گوئٽنگ ۾ ڪائونٽ ڪِيانو جهڙا ماڻهو به پيدا نه ڪري سگهيا آهن!

مون کي معلوم آهي ته قطب مينار جيڏو ٿيڻ چڱو نه آهي ۾ ايتري قدآور شخصيت کي فقط سرمد جهڙو ماڻهو سمجهي سگهيو ٿي ۾ آءٌ سمجهان ٿو ته انهيءَ شخص ۾ نه هئي جو دهليءَ ۾ جامع مسجد جي ڏاڪي تي سُمهندو هو. فن جي پَرک ۾ اورنگزيب ۽ مُلا قوي، ٻئي نااهل ها ۽ جي تلوار سرمد جي هٿ ۾ هجي ها ته هوُ اهو چئي ٻنهي جي جان بخشي ڇڏي ها ته 'اوهان تيِج آهيو، اوهان منهنجي تلوار جي ڏک جي لائق نه آهيو.'

ٽن سالن کان مٿي عرصو ٿيو آهي ته مان ڪراچيءَ ۾ رهان ٿو، جا ڪنهن وقت سنڌ جي دل هئي ۽ هن وقت اُن جو مفلوج عضوو آهي. هاڻ سنڌ جا هنومان ۽ اُنهن جي سِياسِي باندر سئنا هِتي رهي ٿي ۽ هِتي وڏا بنگلا ٺهرايا آٿائون ۽ آهي سنڌي عوام، عوام ته گهڻو ٿا ڪن پر باندر پنهنجي پڇ مان پَري کان پَڌرا هوندا آهن. جڏهن هوُ مونکي ڪنهن سرڪاري تقريب تي صدر يا مهمان خصوصي ڪري، منهنجي عزت افزائي ڪندا آهن ته منهنجي دل ۾ فرينچ مصوّر وان گوگ وارو سوال ايندو آهي

* مُلاقويِ: اورنگزيب جي دوُر ۾ قاضيءَ القضات، جنهن فتويٰ ڏني هئي ته سرمد واجب القتل آهي.

تہ ’ڪيرُ ڪَنهنجي عزت افزائي ڪَري رهيو آهي؟‘ بهرصورت مان مجبوريءَ ڪان هن درندي صفت شهر ۾ رهيو پيو آهيان جو ديومالائي ● ڊنوسار (Dinosaur) وانگر روزبروز وڏي رهيو آهي. دراصل مان سکر مان ڪراچيءَ شرنارٿي ٿي آيو آهيان، جو هر وڏي شهر وانگر ميڪانڪي ۽ مصنوئي آهي، جنهن ۾ سرمايداري تہ آهي پر هڪ فلاحي مملڪت جو تصور بہ ڪري نہ ٿو سگهي، جنهن ۾ ڪيئي ماڙِ اوچا ماڙا آهن ۽ انهن سان گڏ ’غريبن جو جهوپڙيون آهن جي مينهن ۾ جُهري پون ٿيون‘ ۽ انهن کي ”بيوس“ جي دعا بہ بچائي نہ ٿي سگهي، جتي جُڙتو ڪمپنيون آهن جي بيواهن ۽ پير سَن ڪان ساريءَ عمر جي بچايل پُونجي، ڪِڻ پنيلائِي ڦري وٺن ٿيون، جتي قتل، ڊاڪہ زني ۽ اغوا جا واقعا ڏينهن رات ٿين ٿا، جتي گاڏيون انهيءَ نيت سان تيز هلايون وڃن ٿيون تہ پل پار چيٿاڙجِي، چيچي وڃن ۽ مسافر توڙي راهگير ڪَلتيون کائي ڪِرن ۽ جتي منشيات ۽ عصمت فروشيءَ جا اڏا عام جام آهن ۽ پوليس انهن ۾ حصي دار آهي ، مطلب تہ جي شيطان مصوَريءَ جو ماهر هجي ها تہ دوزخ جي تصوير انهيءَ ڪان مڪروهہ نموني نہ ڪڍي سگهي ها. اها ساڳي حالت مان بمبئيءَ ۾ ڏٺي، جتي اسانجي صاف ستري ’روز ووڊ هوٽل‘ جي سامهون، ماڻهو سارو فوٽ پاٿ والاريون پيا هوندا هئا. ڏنڊو بہ اُتي ڪندا ها، سُمهندا بہ اتي ها، سرو سامان بہ اُتي رکندا ها؛ نئينءَ بمبئيءَ ڏانهن ويندي تہ هو رستي جي هڪ پاسي جهوپڙين ۾ رهندا

● ڊنوسار: هڪ وڏِي بلا جا قديم ماضيءَ ۾ هوندي هئي ۽ جنهن جو وجود ختم ٿي چڪو آهي.

Gul Hayat Institute

ها، جن ۾ اڌ فوٽ سِمِ جو پاڻي پِريل هوندو هو. مون کي هر دوست ٻڌايو تہ جيئن شهر وڌو تيئن اُن ۾ تنهائيءَ جو احساس گهٽو آهي. هنن چيو تہ تون آيو آهين تہ دور دور تان هندستان مان، هانگ ڪانگ مان، دبئيءَ مان، لنڊن مان سنڌي ڪَنا ٿيا آهن نہ تہ اسان تہ بمبئيءَ ۾ ٽِن سالن ۾ بہ هڪ دفعو گڏجي نہ سگهندا آهيون. اُن وقت مون کي دَلِت ادب لاءِ جواز محسوس ٿيو جو اَئبميڊڪَر جا پوئلڳ پيدا ڪري رهيا آهن ۽ جي پاڻ تي گانڌيءَ جي رکيل نالي هريجن ۾ پنهنجي بي عِزّتي محسوس ٿا ڪن ۽ مون مشهور دَلِت شاعر نامديو جي شاعرانا بغاوت اِنهيءَ ماحول جي پيدائش سمجهي.

مان گذريل ٽن سالن کان اڳ ڪيئي سال اندرونِ سنڌ رهيو آهيان، جتي ماٺيو آهي، مريادا آهي فطرت سان لڳاءُ آهي، جتي ڪونجون ڪَر ڪَر ائين ڪن ٿيون چڻ ڀٽ شاهہ تي ڀِٽائي ڳائجي رهيو آهي. ڀهراڙيءَ جي زندگي منهنجي رڳ رڳ ۾ آهي. ان ڪري مان بمبئي کان ٧٠ ميل پري لونا وِلا هل اسٽيشن تي هليو ويو هوس جتي اڌ بنگلا سنڌين جا ها، جي هنن پنهنجين موڪلن جي ڏينهن گذارڻ لاءِ يا مهمانن لاءِ رکيا هُيا ۽ اُتي ڪونڪَني نوڪرياڻيون رکي ڇڏيون هيون جي انهن بنگلن جي هيٺان پنهنجن ڪُٽيائن ۾ رهنديون هيون ۽ اُنهن بنگلن جو بہ خيال رکنديون هيون. آڏواڻيءَ جي رٿ ياترا سبب مان پنهنجو دهليءَ ڏانهن سفر ملتوي ڪيو ۽ هوائي جهاز ۾ گوا هليو ويس جنهنجو ذڪر مون 'هيئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن' جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي. اُتي مون اُتر ۽ ڏکڻ ۾ اوت موٽ ارڙهن سو ميل رستي ذريعي سفر ڪيو ۽ گوا جي گاديءَ پڻجيءَ پرسان

ماندويءَ نديءَ تي سير سفر ڪيو ۽ گواني ناچ ڏٺا ۽ پورچوگيز موسيقي ٻڌي ۽ دل تي جا بمبئيءَ جي دونهاٽيل گهٽ ٻوساٽ ڇانيل هُوئي گهٽجي وئي ڇو ته گوا ۾، اُتر توڙي ڏکڻ ۾ فقط ڏامر جو رستو ظاهر هو ۽ چوڌاري وڻ ئي وڻ، گل ئي گل، گاهه ئي گاهه هُيو.

مان هاڻي سکر ته موٽي نه ٿو سگهان ڇو ته منهنجي گهر جي چوڌاري دهشت گرد رهندا آهن جن نه رڳو سارو سرو سامان چوري ڪيو آهي پر گهر جا دروازا به پٽي ويا آهن ۽ جاءِ ڀڙڀانگ پئي آهي. اِها اڄوڪيءَ سنڌ جو سمبل آهي ۽ ائين رهي ته بهتر.

شهر ۾ سانده رهي اندرونِ سنڌ جو يادگيريون ته اڄن ٽيون پر شهر جو به شاعريءَ تي اثر ٿئي ٿو، جو هن ڪتاب تي به آهي. دنيا ۾ ٽي شاعر ٿيا آهن، جن شهري زندگيءَ جي باري ۾ بهترين شاعري ڪئي آهي. مايا ڪوفسڪي، ڪرين (Crane) ۽ بودليئر. پهريون روسي هو، ٻيو آمريڪي ۽ ٽيون فرانسيسي. پر پهريون ٽي. ايس. ايليٽ جو ذڪر ڪيان، جنهن جي شاعريءَ ۾ مخصوص شهري جديديت آهي. هو چوي ٿو:

يروشلم، اَٿينس، اِسڪندريه
وِيانا، لنڊن
* غير حقيقي

هو انهيءَ نقطي جي تلاش ۾ هو جو دائري جي تَري ۾ هوندو آهي ۽ هن کي اُميد هئي ته تاريخ جو ڦيٿو ڦري رهيو آهي

* Unreal

Gul Hayat Institute

۽ اُهو نقطو نيٺ اُڀري آچڻو آهي. هن شهري عوام ۾ رڳو بگاڙ، ڪَپُوتي ۽ اَسڦلتا ڏٺي ۽ مسيحيت ۾ پناهه ڳولِي. اج مادِيت جي تباهيءَ ڪانپوءِ ٽي. ايس. ايليٽ جي دور انديشيءَ جي صحيح ثابت ٿيڻ جو امڪان آهي.

مايا ڪوفسڪي ۽ ڪرين غير حقيقي شهر جي غير حقيقيت، آرٽ جي ناڪاميءَ سان منسوب ڪئي آهي. ڪرين هيلن آف ٽراءِ کي ٽرام (Street Car) ۾ سفر ڪندو ڏسي ٿو ۽ مايا ڪوفسڪي شهري پرولتاريت کي گدگد ٿي صدين جو ڪرتا سمجهي ٿو. ٻنهي جي شاعري شهري زندگيءَ کي نئين زندگيءَ عطا ڪئي پر پوءِ ڪرين ۱۹۳۳ع ۾ پاڻ کي ٻوڙي ماريو ۽ ماياڪوفسڪيءَ ۱۹۳۰ع ۾ ريوالور سان خودڪشي ڪئي.

اِها ڳالهه شهري شاعري جي انقلابي نظرئي تي هڪ اُباڻڪي ۽ ڏک ڀَرئي ٽيڪا ٽپڻي آهي. اِتي بودليئر ياد اچي ٿو جو چئي ٿو ته انبوهه ۽ اَڪيلائي ٻئي مَٽا سَٽا وَارا سَنڌا آهن. شاعر شهر ۾ به پنهنجي رومانيت پيدا ڪري سگهي ٿو.

نورالهديٰ شاهه جي ڪتاب ’قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چَنڊ‘ تي نصير مرزا ڪجهه دوستن سان گڏجي منهنجي صدارتي تقرير ٽيپ ڪرڻ آيو هو، ڇو ته مان صدارت لاءِ حيدرآباد جي سفر جو اجا اهل نه هوس. جڏهن هو آيو ته منهنجي فليٽ ٻاهران ڪاريڊار جي ڪليل دريءَ مان ڪلفٽن جي ٻتين جي جهرمر ٿي نظر آئي. هو ۽ هن جا ساٿي، منهنجي لئبرري ۾ آيا ته ڇت ۾ شاند ليئر لَڙڪي رهيو هو ۽ پاسي سان بلب ٻري رهيا ها ۽ ڇوڏاري ڪتاب رکيا ها جن ۾ گهٽو ڪري دنيا جا سڀ اهم

Gul Hayat Institute

اديب موجود هُيا. اوچتو بتي وسامي وئي. مان اندران ئي مينڻ- بتيون ڪٽي آيس ۽ هن کي تقرير ٽيپ ڪرايم. ان وقت مون کي بودليئر جي نظم جو هڪ بند ياد اچي رهيو هو:

”ڪليل دريءَ مان جي تون ٻاهر ڏسندين ته ايترو ڏسي نه سگهندين جيترو اندر ڏسي سگهندين. ڪجهه به ان کان وڌيڪ ڳُوڙهو، وڌيڪ ڳجهو، وڌيڪ رَچناتمڪ، وڌيڪ روُيا وارو ۽ وڌيڪ ٽِمرائيندڙ نه آهي جيتري هڪ دَرِي مينڻ بتيءَ جي جوت ۾“

ان وقت ڪنهن دَرِيءَ تان پردو هٽائي، هوا لاءِ دري کولي ڇڏي هئي ۽ مون نصير مرزا کي پنهنجي ساري تقرير مينڻ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ٽيپ ڪرائي هئي- ڪجهه وقت پوءِ بودليئر جو هڪ ٻيو نظم به ياد آيو هو:

’تون مون کي ضرور چوندين ته تُنهنجي ڳالهه سچي آهي يا نه؟ مون کي دنيا جي حقيقت جي ڪهڙي پرواهه آهي! اُها رڳو مون کي ان ۾ مدد ڪري ٿي ته مان زندهه رهان، مون کي اهو احساس ڏئي ٿي ته منهنجو وجود آهي ۽ مان آهيان.“

پر ڇا دنيا جي حقيقت هڪ سنڌيءَ کي ڪراچيءَ ۾ اُهو احساس ڏئي ٿي؟ آخر ڪراچي پئرس ته نه آهي ۽ اسان اُن ۾ پئرس جهڙي رومانوي فضا پيدا ڪري ته نه ٿا سگهون! اندرون- سنڌ ته تباهه ٿي چُڪي آهي ۽ ماضيءَ جون ڪجهه يادگيريون ئي آهي. ان ڪري ڪراچيءَ جي شهري زندگيءَ ۾ اندرون سنڌ جي يادگيرين جون پرڇائيون ئي ته هن ڪتاب ۾ اچي سگهيون آهن.

اهو ڪتاب اڌ رات جو نندٖ مان اُٿي مون هڪ نيم شعوري

Gul Hayat Institute

ڪيفيت ۾ اونده ۾ لکيو آهي، جيئن بيماري ۾ ۽ اُن ڪان پوءِ مون سموري شاعري پاڻيهي هلندڙ تحرير (Automatic writing) ۾ لکي آهي. اِهي مُنهنجي ماضيءَ جي ڪنڊرن مان لڌل اڻ- لڀ شيون آهن يا منهنجيءَ شهري گوشہ نشينيءَ ۾ تنهائيءَ جي احساس جو اظهار آهن ۽ انهن جي ادبي اهميت نوادرات جيتري آهي يا نہ، اِن جو جائزو مان پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو.

هي ڏيڊ سٽا فارسيءَ جي مستزاد ۽ پنجابي گيت ماهيا جو ميل جول آهن ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئي صنف آهن جي آسانيءَ سان ڳائي سگهجن ٿا. انهن ۾ ڪجھہ مفعول مفاعيلن، ڪجھہ فاعلن مفاعيلن، ڪجھہ مفعول فاعلاتن جي وزن تي آهن ۽ ٿورا ماترائن جي حساب سان لکيا ويا آهن.

آخر ۾ مان رڳو اهو لکندس تہ شاعري منهنجي سڀ ڪان پياري محبوبا رهي آهي ۽ اُن سان مون توڙ تائين نڀايو آهي، جي وچ ۾ ڪا وٿي پئي آهي تہ ان جو ذميوار ماحول جو جبر آهي جو ڪڏهن اڏول پهاڙ جئن آڏو اچي وڃي ٿو ۽ سارو شفق جو منظر اکين ڪان ڍڪي ڇڏي ٿو. جي ٻيون زندگيون آهن تہ مان وري وري شاعر ٿي وجود ۾ ايندس ۽ هاٿي بہ دور ويندس، هڪ پنڇيءَ وانگر، اُفق ڪان دور، اُن جي ڪَڍ جو مُنهنجي اوڏو بہ آهي ۽ جنهن جي آڏو اچا گهٽو ڪجھہ آهي.

۱۳ آگسٽ ۱۹۹۲ع

شيخ اياز

چا عمر ڪيا ڏوڪا،
ڪنهن وقت ڪجورين تي ٽا ياد اچن ڏوڪا.

*

ڪلهہ ٻَڪَ اسان ٻيئي،
ٽـا انـب لـڏن وَڻَ ۾، تـون ياد اچـين ٻـيـئي.

*

ڪَٿ وانءَ بنا ڇاهي؟
هي تانگهہَ سندءِ دل ۾، ڪنهن تانءُ بنا ڇاهي؟

*

ڪيڏيون نہ ڪِير چوٽيون!
ميهار ڪٿي آهي مينهون تہ اچن موٽيون!

*

Gul Hayat Institute

ٽي آٽَ ڏِنـا لـوڏا،
اي ڪنوار ورايا تو، ڪئِن چند ڪِڙي گوڏا؟

*

جنهن وقت ڪَتِي ايندي،
تنهن وقت تتر ڪرڙي تو ۾ لاءِ نهاريندي!

*

اِئن چَٺَ هئين ءَ چوري!
پر هون ءَ ڇهڻ ۾ ڇَڻ تون پَٽ هئين ءَ چورِي!

*

گوڏو نہ گڏي وهندين ءَ؟
هي پِينگهہَ جڏهن هَلندي لوڏو نہ گڏي وِهندين ءَ؟

*

اڄ رات اِئين ڪنهن سان،
تو چنڊ لڪي وڻ ۾ ڪئي باتِ اِئين ڪنهن سان؟

*

اڄ رات، چُميون ڏيئي،
هي بلب ڪتان آندءِ، ڪيڏو نہ ٻرين پيئي!

*

Gul Hayat Institute

اَڄ سرد هوا آهي،
ٿي ٻاهه ٻَري پرسان ۽ پيارُ جدا آهي!

*

ڪيڏو نہ ڪَجل نيڻَن!
تو ڏانهن پَريان تاڙي ٿي رات ڏنو سيٽَن!

*

اڌ رات حويليءَ مان،
ڪيڏانهن وڃڻ پيئي تون سَڙڪَ اَڪيليءَ تان؟

*

جنهن وقت ملين ٿي تُو،
تنهن وقت وڇوڙي جا ٿا ڏَنگَ هڻن ڏينهوُ!

*

Gul Hayat Institute

ڪلهہ سوٽَ هيئِہِ سينو،
تو لاءِ پيو روئي اڄ رات تہ آئينو!

*

هي مينهن مَهل آهي،
ڏس آنءُ اڪيلو هان تو ۾ تہ ڪَهل نَاهي!

*

ڪيڏانهن وڃين ٿي تون؟
اڳتي تہ ڳجهي تو رِڻ جيڏانهن وڃين ٿي تون!

*

ڪيڏي نہ مٺِي ٻولِي!
تو پَٽ ڏنو هوندو، ان جيئَن نہ پاتولِي!

*

اَڄ ويهہ گهَڙي، پرسان،
مون سَنج وڏا گهوڙي، تـو لاءِ پيو تَرسان!

*

Gul Hayat Institute

تنهن وقت رِلي ويندينءَ
هي راهہ سِڌي جي تون ڪنهن وقت ڀُلي ويندينءَ.

*

تو ڳالهہ ڪندي ٻهڪين؟
ڪنهن سانُ لَوَنُ ۾ هَئُن ڇا لاءِ پيو سَهڪين؟

*

تي ڪالهہ نَچِي ڪوٽي،
ڇا لاءِ ڇڄِي آهي تو هيءَ ڪَچِي ڪوٽِي؟

*

دِلِ ڪانہ پَرِي آهي
پر پيار تَڪو آهي ۽ رات تَرِي آهي!

*

تون آءُ بنا اَلڪي!
آڪاسَ وِسايو آ، اڄ راتِ ستارن ڪي.

*

اڄ رات ڪِتي آهين؟
تي سال ويا ڪيئي ٻيهار مِلي ناهين!

*

Gul Hayat Institute

ٻيهار سِرَنهن گل ڪيا،
تون آنهه ڪِٿي خوشبو؟ تي سِانجِهه، پَکين هَل ڪيا.

*

دل آهه چڪُيءَ ٿيڙِي،
ٿو آنءُ ڪٽان ٽُنهنجِي اڄ رات تہ ساهيڙِي.

*

ڪيڏانهن وئي آهين؟
تو نانهہ اُها خوشبو، ٻي ڏانهن وئي آهين!

*

اَڌ - رات، اَچي پيئي،
ميهار ملڻ ويلا، هو روڌَ ٿَپي پيئي.

*

ڇا نانءُ ڏيان توکي؟
جي گلَ ڇِني ايڏا ٿو آنءُ ڏيان توکي!

*

Gul Hayat Institute

اي ڪاش سدائين تون،
مون لاءِ هجين نورِي ۽ وَنجَهه هلائين تون!

*

ڪيڏو نہ ڪُڙهي پيئِي!
تون ڪونہ جڏهن آئينءَ دل رات لَڙهي پيئِي.

*

ڪُوڙِي نہ ڪڏهن ٿيندينءَ،
اڄ چَنڊ اَتِي چوڏِينهن، پَر پو بہ لِڪي ايندينءَ!

*

جَنهن ڏانهن ڏسان ٿو اِئَن،
اي روز- ازل! تنهنجي ڇا ڪاڪَ هُئِي اَن جِئَن؟

*

ڪيڏو نہ رُئي آهين
ڪلهہ رات تہ ڏيڊوٽي، اڄ رات مَنِي آهين!

*

Gul Hayat Institute

تو ڏانهن نهاريان ٿو،
تون آنهه اُها جنهن تي مان ساهه ُ بہ واريان ٿو!

*

سپنا نہ اَچو اُيرِي!
اڄ ڪالهہ تہ هوءَ ناهي اڄ ڪالهہ تہ آهي پِري!

*

ڪيڏانهن پيُي ڪاهِين
جئن باکَ ڦٽي تانِگر تون ايئَن تِڙي آهين!

*

هي ڏس تہ گلابِي گل
آ ماڪ پئي اَن ۾ ڪيڏو نہ شرابِي گل!

*

تون نانهہ رَهِي ساڳِي
جڻ واڳ ڇڄِي پيئي جنهن ساڻُ هَئِيڻءَ واڳِي.

*

Gul Hayat Institute

پائي ٻہ نہ پاتو مون
هِي چنڊُ نديءَ ڪيسين؟ ڇو ايءُ نہ ڄاتو مون.

*

ٻي لاءِ مَرڻ پيئي!
هي ڳالهہ ڳَڙي وانگر ڇا لاءِ ڪَرڻ پيئي؟

*

وَل پَٽَ نہ گِدرن جي!
ڪلهہ رات جَهلي هَٿ کي تو ڳالهہ ڪَئِي تَن جي.

*

آ اَجَ ڪيو آتو!
ڇُلڪي نہ پوي هاٺي ائُن جام ڀريو آ تو!

*

آ نِنڊَ ٻہ مٺُ ماتِي.
ڇڻ تيزَ پئي ڪائي تو لاءِ وِجهي جهاتِي!

*

Gul Hayat Institute

ها باک بهارنَ جي،
تَنُ آهه پرين تنهنجو چڻ شاخَ انارن جي.

*

انجيرَ پٽيان ٽو پيو
محسوس ٿيو کَنهنجي تقدير پٽيان ٽو پيو.

*

اي ڏائٽيُون موٽو!
اڄ هانوَ کڍو مُنهنجو، مون ڏانهن ڪَري چوٽو!

*

◆ اڄ رات وَرِي سَئفو!
مون ڏانهن وڌي آئي، هوءَ پيار ڀَرِي سئفو!

*

مون لاءِ نيون نِياريون،
هان آنءُ تماشائي ڀَل پيارُ ڪَريو پِياريون!

*

◆ سئفو: يونائي شاعره. مان پنهنجي هڪ محبوبہ کي سئفو ڪوٺيندو هوس.

Gul Hayat Institute

ڪنهن ڪي تہ پيو ڦولين!
ڦاٽي نہ پوي ڏرتي، سَسئِي تہ نہ ٿو ڳولين؟

*

ڇا نازُ ڪرين ٿي پَئِي
جڏن ڏيل ڏُکي اَهڙو انداز ڪرين ٿِي پَئِي!

*

آ چَنڊُ ڇُپيو جُهڙ ۾؟
درياهُ تہ سڄو ڳوليو ڪيڏانهن وَئِي لَڙ ۾!

*

ٻيو پارُ مَري ويندو
سهڻِي تہ ٻَچِي ويندِي ميهارُ مَرِي ويندو!

*

ٻَر رات ڀِکِي ٿُنهنجا؟
مون لاءِ ڪُلي ٻوٽيا، ڇا لاءِ سڪِي ٿُنهنجا.

*

Gul Hayat Institute

هي هَٿَ سرين تي!
هيڙها تہ نہ ها جي کَن کُجهہ ٿُڪَ انجيرن تي!

*

جڻ چَنڊ چَڙهيو چِڪيا،
◆ ائن وَرَڏ اَوسِتا ۾ تو رات ڏِني بِکيا!

*

پيري تہ نہ آهي هِي!
ٿي تيزَ وڃَي نَدَي ڏيرِي تہ نہ آهي هِي!

*

تو ليکَ پڙهيو آهي؟
ڏِس، وِير پئي اُيري، ڏس سَمنڊُ چڙهيو آهي!

*

ڇا راهہ پَلِي آهين
هن وقت کِهِٽيءَ مُنهنجي کِئَن هِيرَ گهلِي آهين؟

*

◆ وَرَڏ اوستا : وِچين وَهي.

Gul Hayat Institute

هو چنڊ گلابي آ،
ٿي هيرَ ڳهِلي اَهڙي چڙهه راتِ شرابي آ!

*

تو ياد پَئي آئين ٿي،
هي عمر نديءَ وانگر تون مينهَن جيان ڇانئين ٿي!

*

جي مورُ نہ، ڇا وانگر؟
تو آن ٿي نچان تو لئہ، ڪھنگھور گھٽا وانگر.

*

اَڄ رات فساني جان
ڪنهن وقت هلِي ايندين ٿي مون ڏانهن بهاني سان!

*

Gul Hayat Institute

هي پيارَ نئون توسان،
هي چَنڊُ نئون توسان، سَنسار نئون توسان!

*

کنهن لاءِ پَري نڪتينءَ؟
هي پاند مريڙي سان ڪيڏانهن پِري نِڪتينءَ.

*

آ ڳوٺُ سڄو دانهين،
تو گوار پَٽي گورِي ڪيڏانهن هَلِي آهين؟

*

تون آ تہ ڪِڙي مُڪڙِي!
تون باک جيان آهين اڄ اڄ تہ تِڙي مُڪڙِي!

*

مان ڪيئَن مِليو آهيان!
تو لاءِ صديون ترسِي اَڄ هيئَن مِليو آهيان!

*

Gul Hayat Institute

◆سِرڪَنڊ خسيِس آهي!
تون نانهہ تہ اڄ ڪيڏو هُو چَنڊ خسِيس آهي!

*

◆ سرڪنڊ: چَندن- صندل.

هو نيڻ ته چوَنرا ها،
ڳهڳهو تہ ڳلن وارو هيٺانهن ته پوَنرا ها!

*

چو چاهہ هلَيو ويو آ!
چا لاءِ حياتيءَ مان ويساهہ هلَيو ويو آ؟

*

تون چو نہ اَچين ٿي پئِي؟
اڄ رات اماس آهي تون ڪونہ اچين ٿي پئِي؟

*

❖ هر وقت ڏمرڙو ٿِي!
مون ڏانهن وري ايندينءَ ڪنهن وقت چمرڙو ٿِي؟

*

Gul Hayat Institute

اِئن سرد لڳين ٿو پيو!
اي چنڊ جيان چهرا، چو زرد لڳين ٿو پيو؟

*

❖ ٿي: اُتر ۾ اٿي ڪي "ٿي" به چئبو آهي.

ٿو روز وجين ڪِسڪي
ڪنهن وقت تہ ڪَر ٻڱالهيون ڪنهن وقت تہ ٻِي وسڪي!

*

تون آنهہ ٻَرِي اُڀ ۾،
هي راتِ رڱاوَت ڏِسُ، ٿو چَنڊُ ٻـرِي اُڀ ۾!

*

ٻَلهار ٿيان توتان!
مون ڏانهن اِئين آئينءَ، تون چڻ تہ ڏياري آن!

*

تون پو بہ جُدا آهين!
ٻي لاءِ تہ ماڻهو آن، مون لاءِ خُدا آهين!

*

ڪيڏو نہ مِٺو آهين!
چڻ عيد سياڻي آ، چڻ چَنڊُ ڏِٺو آهين!

*

Gul Hayat Institute

◆ رڱاوت: رنگيني.

ڇوري ٻه ته هئي ڇورِي!
کھڙو ٻه پتنگ آيو، ڏورِي ٻه ته هئي ڏورِي!

*

ڪئن ڪالهه پڳئه ڇوڙي،
چَؤ! سچ نه ٻُڌائيندينءَ، هو ڪيرُ هيو ڪوڙي؟

*

گھگھِرو ته ٻچايو ٿي،
هو ڪوهه مَتان ڇورو، جنهن ڪوسُ ڇِڪايُو ٿي!

*

تو پوکَ جڏهن پيئنءَ،
ڪو پَهر ويو گذري، جئن وَنئڻَ اڳيان ويٺينءَ!

*

Gul Hayat Institute

تو انت ڇوين ڇا ڪي!
هي پيارُ ڪتان آيو تون سوچ ته مَمتا تي!

*

هو سونهَن اَجهاڳُ آهي،
جيڏانهن وڃان ٿو مان، ايڏانهن تہ ماڳُ آهي!

*

ڇا حُسن پرست آهيان؟
تو ۾ تہ اَلوٽُ آهيان، ڪو مستِ اَلست آهيان!

*

هي راتِ اَزلُ آهي،
تون ياد اَچين پيئي، هر باتِ اَزلُ آهي.

*

بَس لڙڪ رُڳا ٽيندو،
ٽي ڏيہ وَئي آهي موٽِينءَ بہ تہ ڇا ٿيندو؟

*

Gul Hayat Institute

اڄ ڪارِ پنهونءَ ڪي آ
سَسئي نہ خبر ڪائِي ڀِي يارِ پنهونءَ ڪي آ!

*

مومل تہ چڙهيو راڻو،
سومل، نہ سُتي راتيون مَنُ اَڄ بہ ويڳاڻو!

*

تون خُوابُ تہ ڪونہ آهين؟
جو آب اَندر لرزي، مهتابُ تہ ڪونہ آهين؟

*

اڄ پياسَ لڳِي ڏاڍي،
اي پيار ڪِٿي آهين، آ تاسَ لڳي ڏاڍي!

*

وِئِي عُمر ڪُراڙِي ٿي،
ٿي دل تہ چيو ڏاڍو ٻيهارَ ڪهاڙِي ٿي!

*

Gul Hayat Institute

ڪيڏي تہ حَسِينُ آهين؟
ٻي لاءِ هجين چاڙِي، مون لاءِ تہ دينُ آهين!

*

اڄ ننڊَ ڦِٽي آهي،
تون ياد اچين ٿِي پئِي، ڇا ياد ڇِني آهي!

*

◆ اي ڇيلَ ڇبيلي تُون،
ڪيڏانهن هلي آهين، اڌَ راتِ اڪيلي تُون؟

*

ڇوري تہ رڳي ناهي!
❖ ٻَڪرارِ ڪنوڻ آهي، گهرِ پو بہ پڳي ناهي!

*

جي ڳالهہ ڪُٿِي ڪَٿَ ۾،
تہ ڪيِرُ ڏسي ڪنهن جي ڪلهہ رات ڄُندا پَٽَ ۾!

*

تہ ڪان بہ مٿِي آهي؟
توکي تہ ڏٺو ناهي، ماڪِي تہ ڏِٺي آهي!

*

Gul Hayat Institute

◆ ڇيل ڇبيلي: نازنين.
❖ اتر مان ڪنوڻ ڪڇندي آهي تہ ان کي ٻڪرار ڪنوڻ چئبو آهي.

تون سَڏُ هنئينءَ سَرتِي!
ڇا وَجُهه وڃايو مون توکان نہ ڇُمِي وَرتِي؟

*

اَڄُ شيامَ ڳٽيون گوپيون!
ڇڻ آنءُ کَنيون آهن، توکان بہ گهٽيون گوپيون!

*

ڇا لاءِ جُدا آهين،
اي عشق پَلِي آئِين تون ئي تہ خُدا آهين.

*

هو چَپَ گلابي ها،
جن ماکَ جيان پيتو، ڪيڏا نہ شرابي ها!

*

Gul Hayat Institute

تون آءُ، سَهيلي آن!
تِي ناوَ اڇي تون ڏي ڇو اِيئَن اَڪيلي آن!

*

تو لاءِ تہ سانورڙِي،
مون چَنڊُ جَهليو آهي، ڪُجھہ بيھہ تہ بانورڙِي!

*

جڻ جيءُ جَهٽين تِي تون!
جئن تار نِوائِين تِي، رابيلَ پٽين تي تون.

*

ڇا پيارَ سچا آهن؟
مون کي بہ تہ تو وانگر ڪجھہ يار ڇچا آهن!

*

تو ساڻُ سَجائِي وَئِي،
تو ڪير ڇَوي مُنھنجي اِئن عمر اَجائِي وَئِي!

*

Gul Hayat Institute

گُل مهر ڪِڙيا آهن
جِئَن ماڪَ پَئِي آهي تو جيئَن ٽڙيا آهن!

*

هڪ راتِ اُڌارِي ڏي!
اي عُمرِ! پِرينءَ سان ٻِي برسات اُڌارِي ڏي!

*

تو وَٽَ ٻہ گهڙِ گوپيون،
اي شيام سنڌوَ پرسان مُنهنجون ٻہ ترَ ڳڙِ گوپيون!

*

اوهِي نہ پَهي آهي،
جا عمر رهِي آهي تو لاءِ رهي آهي.

*

اڄ رات اَچِي آهي،
قاساءِ انهيءَ کي تون ماڳر ٻہ مَچِي آهي!

*

Gul Hayat Institute

تون پاڻ هَلي آئين،
اي عشق فرشتي جئن هيڏانهن ہَلي آئين!

*

جنهن وقت مجاز آهين،
اي عشق عبادت آن تون عين نماز آهين!

*

تون رات لِڪي ايندينءَ،
جنهن وقت بہ چانڊوڪي ٿورِي بہ ڦِڪي، ايندينءَ!

*

ڇا رَبُ رکيون مُنهنجون؟
تو ڏانهن ڏسڻ ڪارڻ هر وقت اکيُون منهنجون!

*

اي پوپٽڙا ڪيڏانهن؟
هي گل تہ ڇٽي ويو آ، پيا واسَ وَيا ڪيڏانهن؟

*

Gul Hayat Institute

هي ڇَپَ ڇپن وانگر،
مون سان تہ مليا آهن درياهَ- ڪَپن وانگر!

*

چا چڱ- سڳنڌ آهي!
ڪيڏا نہ بسنت اُن ۾ چا سڳ- سڳنڌ آهي.

*

برساتِ ڏِسي پيئي،
چا هيءَ اُها آهہ جا ڪلهہ راتِ ڏِسي پيئي؟

*

ڪنهن جاءِ تہ هوندينءَ تون؟
مون ڪي تہ وساريو ٿي ٻي لاءِ تہ هوندينءَ تون!

*

ڪيڏو نہ وٽين ٿي تون،
برسات جيان ڇَن مان، هر روز ڇٽين ٿي تون!

*

سَڀ چاهہ پِيا چاهيون،
درياهہ جيان دل آ، مون لاءِ سَوين سانِهيون!

*

Gul Hayat Institute

وسرن نہ ڳِھتيُون ۽ گهرَ،
◆ تون آنهہ اَکين اڳيان، هن وقت بہ هاٽيدرَ!

*

ڏوريون بہ تہ ڏِسُ پَٽَ جون!
هي پيار بہ پيار آهي، ايڏي تہ نہ ڏي سَٽ تون!

*

هِي هونءَ تہ پلَ جيڏِي!
تون نانهہ تہ ڇَڻ آهي اڄ راتِ اَزلَ جيڏِي!

*

اِئن سازَ سَڙِي ويندين!
ڪا لهس نہ تو ايندِي جنهن وقت لَڙِي ويندين.

*

Gul Hayat Institute

هُئو ڪَرُ تہ چوراٽو،
راٽو بہ هيو راٽو، مومل نہ ڪَيو ماٽو!

*

◆ شڪارپور جو هڪ محلو (هاٽيدر)

تو چا نہ چڳو ڳايو!
◆ اِئن ڳاءِ نہ لوڙائو، آ چنڊ لَهِي آيو.

*

تو ڏانهن ڪڏهن گهُوري،
ڪيڏو نہ ڏِنو ماضِي، مون آهہ اڪيون پُوري!

*

ڪِٿ رات سڪِي هوندينءَ،
ڪو ڪٿُ نہ تون ڪَنهن وَٽ اي پيار پڪي هوندينءَ!

*

تقدير تہ ڪانہ آهين؟
جي آنءُ نہ هان رانجهو، تون هِيرَ تہ ڪانہ آهين!

Gul Hayat Institute

*

مون پڳو، پڳو ڪوڙو،
چاندنيءَ ۾ پيارو ڪيترو لڳو جوڙو!

*

◆ لوڙائو: هڪ سنڌي لوڪ گيت جو قسم.

ڪر ياد نہ پيارن ڪي!
ڪجھہ جھونجھڪڙو آهي، آ نِنڊِ ستارن ڪي.

*

هُبڪارَ هَوائن ۾!
ڪنهن وقت اچي ملندين آ سارَ هوائن ڪي.

*

تَسڪين اچي پيئِي،
هر چيز هٽائي ڇڏ هو 'ڪِينَ' اَچِي پيئِي!

*

ڪو انت نہ پارُ آهي!
تو چنڊ وچي آپ ۾ هينانهن پِيار آهي.

*

Gul Hayat Institute

ٻاهر تہ ٻتيون ڪيئِي،
پر جوتِ نندي گهر ۾، جا شمع ڏئي ويئي!

*

ڪجهہ ڏينهن بهارَن تي،
ايڏو تہ نہ پَل پُورِي، تون لالَ لَيارَن تي!

*

اِظهار نہ آ ڪوئي،
ائن سمجهہ نہ پر توسان مون پيار نہ آڪوئي.

*

ٿي پيرَ سَرءُ ساهي،
گُل ناز ڪيو ڪيڏو؟ اڄ مُندَ هَٿان ڇاهي!

*

پو ڇو نہ وٽيون آهن؟
جِن وارَ هُيا گهاتا تو جيِئَن گهٽيون آهن!

*

ڪيڏانهن وَري نينديُنءَ؟
تو چندُ ڇَوي مون کي، ڪَر ننڊَ نہ، تون ايندينءَ!

*

Gul Hayat Institute

هي هُبَّ، هَوا جهوتو!
ڇو ڇَئن کَسي وَيو ائن، ڪا سارَ ڏئي ٻوتو؟

*

تو لاءِ تہ سانورِڙي!
پر سال! کَنان آهي دل ڪيئَن نہ بانورِڙي!

*

هِي روحَ رَتو چوندي،
انبوهہ منجهان مون کي تو ڪيئَن وَتو چوندي؟

*

کَهڙيون نہ اکيون آهن!
جن لاءِ صديون ترسيم سي ڄَڻ تہ سکيون آهن!

Gul Hayat Institute

*

هي ڇَپَّ پرِين تُنهنجا
درياهہ جيان مَن ۾ ٻئي ڪَپَّ پِرين تُنهنجا.

*

اِئن چاهہ ھُيو دِل ۾

جڻ سڄ لٿي ڪوئي درياهہ هيو دِل ۾.

*

تون هاڻِ نہ تِي وِسرين!

آن چنڊ جيان ڪاٽِي چانڊاڻِ نہ تِي وِسرين!

*

ڪيڏانهن ڏِڪڻ تِي تون؟

جئن مالهہ ڇڪي ڪِنگريون اِئن روح ڇِڪڻ تي تون!

*

هي لانِ مٿان ساڙهِي!

ڪيڏي تہ ڇِپَر سائي ڪيڏِي نہ شفق ڳاڙهِي!

*

Gul Hayat Institute

تون اڳ بہ هُئِين، منهنجي،

ياڪرُ نہ پُلو آهي، خوشبوءِ اها تُنهنجِي!

*

ڪاڏانهن وَئي آهين؟
تون آنهہ شفق وانگر تيڏانهن وئي آهين؟

*

ڪو ڏينهُن تَتو ڪونهي!
گهَر چونہ سندءِ ڳوليان پَر ڪوبہ پَتو ڪونهي!

*

ڪيڏي نہ سُگنڌ آهي!
ڏس مُند اچي وَئي ڇا؟ موتيو تہ ڪِڙيو ناهي؟

*

سَنجوڳُ بُرو آهي!
◆ ڪنهن راتِ چيو مونکي، هر يوڳُ برو آهي؟

*

Gul Hayat Institute

اي پيار بسنت آهڙو!
هِن ريت ٿيو ناهي ڪَنهن وقَتِ بہ ڦوتهڙو!

*

◆ نوٽ: 'يوڳُ' هنديءَ ۾ وصال کي چئبو آهي. اِهو لفظ سنڌي هندو، سنڌيءَ ۾ عام طرح ڪم آڻيندا آهن.

سوغاتَ ڏيان توکي!
مون تہ وَٽ رُڳي دِل آ شيءِ کا تہ ڏيان توکي!

*

تو وارَ نہ ھُل ڇوڙي!
ڏِس، خلق سَڀِ نظرون تو ڏانھن پَئي موڙي!

*

تو لاءِ جَتائون آ،
اڄ شامَ ڪَراچيءَ جي گھنگھور گھَٽائون آ.

*

مان ساز منجھان ڇاٽان،
تون ڪيرَ؟ ڪٿي آھين؟ آواز منجھان ڇاٽان.

*

Gul Hayat Institute

ٻانھون تہ ھُيون ڊانھون!
پر آنءُ پَرارِ آھيان درياھہَ رُڳو آھون!

*

ٿي رُتَ ڏٺي ڏوڪا،
۽ مِينهنُ پوي سَبِ تي، جنُ ڏُکَ تِئُن ڏوڪا!

*

چِمڪاءِ نہ اِئُن ڇيرُون!
ڪيڏانهن هَلِي آهين اڄ ڏينهن ڏِٺي جو تون؟

*

آ ڏينهن تہ ڏورين ۾،
ڪنهن وقت تہ چِل چوري، اَڄ رات ڪجورين ۾.

*

جِت ڪانوَ اکيون نِڪرن!
ٿي رَتَ ڪري ريلا جنهن وقت پکيون نڪرن!

*

Gul Hayat Institute

اڄ رات سِڪي توڪي،
هُو پانهَن وَرِي آهي پيهارِ پکِي توڪي.

*

تو لَئِہ تہ پکِي آهي،
مون لاءِ تہ سيڪجهہ هُو هر وَقتِ سکِي آهي.

*

چُپ چاپ، لِڪي چورُي!
چوڏارِ ڏسي ٻَاهر پو آءُ ڇِتِي ڇورِي!

*

هُو ڪجهہ تہ اچي ٽو پيو!
◆ آ ڇَبَّ اِئين پياري ڄڻ مورُ نچي ٽو پيو!

*

آئينءَ تہ اُتر وانگر،
هر چيز پکيڙِي وَئِينءَ، گهَرُ آهہ نہ گهَرَ وانگر!

*

Gul Hayat Institute

تون ڪيئَن مِلِي آهين؟
اڄ رات سُڃاتو مون، ڪلهہ جيئَن مِلي آهين!

*

◆ ڇَبَّ: صورت. اُردوءَ ۾ هنديءَ ۾ ڇَب ڇٹبو آهي.

◆ سنجوڳُ وٽيو تو کي؟
مون لاءِ هيو پياري ڇَڙُ ماءِ ڇَٽيو تو کي!

*

هي شِڪل ڏِني آهي،
پيهار مِلي آهي، ڪيڏي نہ مِٺي آهي!

*

ڪنهن صبح سَلوُڻي ۾،
توسانُ مليو آهيان، ڪنهن ڏُنڌَ اڳوڻي ۾!

*

جنهن وقت مِلڻ گهر تي،
تو ياد ڏياريو ٿي ڪو ڏُنڌُ سَمندر تي!

*

Gul Hayat Institute

اِڄ نيٺِ ڏِني آهين!
رَسَدار ڇَپن وارِي، ڪيڏي نہ مِٺي آهين!

*

◆ سنجوڳ: وصال.

کيڏي نہ مِٺي آهين!
تون بند لفافي ۾ هن جِي تہ چِٺي آهين!

*

مون لاءِ تہ چڻ ناهِين!
هِڪ ڏينهَن ڪٿي آهين، ٻِي ڏينهَن ڪٿي آهين!

*

تو راتِ ڪِٿي پيئِي؟
هي ڪار هُئي تُنهنجي ڪيڏانهن لنگهي ويئي؟

*

ڇا جيءَ جهميلو آ!
هي شهر وَڏو آهي، ماڻهو تہ اڪيلو آ!

*

Gul Hayat Institute

گُل ماکَ تہ گهُرندو آ،
جيڏانهن اُڏي اهڙا افلاڪَ تہ گهرندو آ!

*

سَمجهُڻِ نہ، پُلي آهين!
ڪيڏو نہ چڱو ٿيو جو، اڄ رات ڪُلي آهين!

*

هي رات اَزل جي آ،
تون نانهہ وَڏِي آهي، جي آنهہ تہ پل جي آ!

*

تون مدام اَهڙي آن؟
جڻ شَفق ڪِڙي آهي جڻ پُسيءَ جهڙي آن!

*

ڏينهن هُو جوانيءَ جا،
ڪيترا پڪل ميوا، ڪالهہ عمر فانيءَ جا.

*

Gul Hayat Institute

ڪير آنهہ ڪهڙي آن؟
تو جيان نہ ٻي بُربل، تون پسيءَ جهڙي آن!

*

ننڊ ڪونہ ٿيون چاهن،
راتڙي پئي آهي ڳالهڙيون ڪٿيون ناهن!

*

عشق سان سَجائي آ،
حسن ڪانسوا منهنجي زندگي اَجائي آ.

*

هيءَ جا جواني آ،
تيزُ ڪيترِي آهي جڻ ندي رواني آ!

*

ٻيا تاڙِ وَجِي تڙ تونُ
چا لاءِ ٿيي پيو آن هِت چَنڊَ ٿياڪَڙ تون؟

*

Gul Hayat Institute

عجب آهہ هيءُ ناتو،
توکي ڏسي پرين مون پهرينءَ گهڙِيءَ سڃاتو!

*

ڪنهن ڇوَ ڏڱي ڏنا ها!
هي نينڻ سمنڊ وانگر مون ڪِٿ اڱي ڏٺا ها؟

*

تو ساڻ پيارُ منهنجو،
آيو ڇَڻ آهہ پياري موتِي بهارُ منهنجو!

*

ڏرتي! تہ ڪجھ بہ ناهي،
توڪان ڇُمي وتي جا سَرتي آها ڪجھہ آهي.

*

پيو چنڊ ڪِلي پوڙهو،
تو جيئَن ٿَپي پِرَ ڏِي اڌ راتِ وَئينءَ لوڙهو!

*

Gul Hayat Institute

اي پيار ڪٿي آهين؟
هن راتِ اَڪيليءَ جا سنسارَ ڪٿي آهين؟

*

◆ ڪلهہ تون شيرٽن ۾،
دعوت ۾ موجود هُئينءَ ڪيڏانهن وئينءَ ڪن ۾؟

*

هي ٿي- ويءَ تي تون؟
آنءُ تہ سَمجهو آهين، دل ۾ مُنهنجي تون!

*

چاڪي واڙي ۾،
ڪير رهي ٿو پرسان منهنجي پاڙي ۾؟

*

راتِ منهوڙي ۾،
ڪيڏو سمنڊ ڇُلي پيو آهي، اڄ تہ وچوڙي ۾؟

*

Gul Hayat Institute

نديءَ نالي ڪير؟
مينهن پوي ٿو، اُبري آيو هيئَن پيالي ڪير؟

*

◆ شيريٽن: ڪراچيءَ جي فائيو اسٽار هوٽل جو نالو.

برساتِ پهاڙين تان،
ائُن شعر پئي آئين، ڪلهہ راتِ پهاڙين تان!

*

ٿمتار ٿِيو آهي،
تو چنڊ مصوَر جئُن ڪجهہ نقش منجهس ناهي!

*

جا ڪالهہ ڪتابن سان،
اَن ڪان تہ چڱي گذرِي هي رات رَبابن سان.

*

اوتار ٻُڌو، ٻيِهو!
تو لاتِ لَنوِي وَڻَ تي، هر وقت نہ ٻاٻيهو!

*

جنهن وقت ويون ڪَونجون،
اي روهہ سنڌءِ راتيون ڪيڏو نہ ٻَئي گوُنجون!

*

Gul Hayat Institute

تون آنهہ نہ گهرڙي م،
ڇڻ پَنَ اَڏامي ويو ڪلهہ رات اَترڙي م!

*

ڪجهہ جيءُ بہ هاڻي تون!
هان، مَڏَ متو آهي ڪجهہ پيءُ بہ هاڻي تون!

*

آ پَنڌَ پَرِي ڏاڍو،
ڇوتيءَ تہ پُڳو آهي، آ هَٽَ ڇَري ڏاڍو!

*

ڪو دؤر مري ويو آ،
تي هِندَ پُڏي خبرون تئگور مري ويو آ!

*

Gul Hayat Institute

هو صبح تيو آهي،
آ هيٺ پَئِي مِينا هِن وقت سُتو آهي!

*

ٻَنچِي ٻہ آتيا ناهن
مان شعرلڪان ويٺو سڀ نِنڊَ پيا آهن!

*

مون مَڌُ چُکِي پيتي،
◆ تو وڪٽرِ هارا کي ڳائي ٻہ نہ دل جيتِي!

*

ساڃاهہ صدين جي هان،
تون ڏاهہ صدين جي آن مان ڏاهہ صدين جي هان.

*

ڇا لاءِ سُتو ناهين؟
آ ميڙُ پياڪَن جو، دَرَ ٻوٽُ ڳتو ناهين!

*

Gul Hayat Institute

هِي زهر پيالو پِي!
ڪا ڏِکَ نہ ڏي ڏکَ جي، تون جيءُ اَجا ڪُجهہ جِي!

*

◆ وڪٽر هار: چليءَ جو راڳي شاعر.

چا چِٽَ ٻٽي آهين،
پنجاهہ ورهيہ ٿي ويا، پوءِ سِٽَ ٻٽي آهين.

*

اي نارِ ٻَلي آئينءَ!
تون رنگَ منجهان نڪرِي ڪلهہ ڪيئَن هلي آئينءَ؟

*

جيڪي ٻہ ٽِئي، ٿي سو،
مون ذاتِ ڪنئي آهي، تو آهہ ڪنيو پيسو!

*

هي ڪوٽَ ڪٽين وچ تون
مان شعر ڪٽان پنهنجا، سپ نوٽَ ڪٽي وچ تون.

Gul Hayat Institute

*

يَرَا! ايئَن ڀِنيوريءَ جا
چا لاءِ ڇنين ٿو تون ڀَرَ ايئَن ڀِنيوري جا!

*

مَن مان - سرورور آ،
ڪيڏيون نہ نديون آهن، جن لاءِ اُها گهَرُ آ؟

*

تنهن وقت خُدا آهيان،
جنهن وقت مصور جئن سنسارَ پيو ٺاهيان!

*

ويدانت تہ ڪُجهہ ناهي!
هَر چِيز بِري پيئي هِت شانتِ تہ ڪجهہ ناهي!

*

جئن چارَ پکِي ڦاسن،
◆ اَڄ مائِڪوفسڪيءَ جا ٽا نظم ڦِڪا ياسن.

*

Gul Hayat Institute

رُت آهہ رَبابن سان،
ٿي رات چڱِي گذري صدبار ثوابن ڪان!

*

◆ مائڪوفسڪي: روس جو انقلابي شاعر.

نارو تہ وٺي ويندين،
واڳون بہ اَٿيئِي پر، چارو تہ وٺي ويندين.

*

انجامُ پيو آهي،
هو رِند ڪٿي آهن؟ هڪ جامُ پيو آهي!

*

آ گوڙُ گهٽائن جو،
ڪئن مور رُڪيئِہ پِڇري هي ديپُ هوائن جو!

*

آٿ باک ڦِٽي آهي!
تو لاءِ ڇِٽي ڪهڙي؟ جڳَ لاءِ پِٽي آهي!

*

Gul Hayat Institute

مون ڪالهہ ٻُڌو ڏاهو،
هي موت تہ نانگ آهي پر ذاتِ بہ آ ڇاهو!

*

ڪيڏيون نہ پَليون آهن!
ڇا ڇا نہ ڪِڙيون تِنِ ۾ هي ننڍَ وَليون آهن!

*

تون ڪيرُ ؟ ٻڌائي آن!
تون اڄ بہ تنبورو آن، تون اڄ بہ تہ وائي آن!

*

ٿا پيرُ ڪڇن دل تي،
تو ناچ ڪيو، گهنگهرو ٿا ڄڻ تہ وڄن دل تي!

*

”ڇو ڏات اُڀري آ؟“
”تو ڪانو لنوي نم تي ٿِي ڄاڻ ٽِپهري آ!“

*

Gul Hayat Institute

من مان - سَرووَر آ،
پَربو تہ ننديون ٿينديون، جِن کي نہ ڪٿي تَر آ.

*

پينارُ وڏو آهين،
تو جهول جَهلي پنهنجي، سَنسارُ سڄو چاهين!

*

آوازُ تہ سڀ ڪجهہ آ،
جو سازَ ڇپايو آ، سو رازُ تہ سڀ ڪجهہ آ.

*

چَڻ ڏَنُ تہ ٻَري ٿو پيو!
توکي تہ لڳو سائو، هِي وَڻُ تہ ٻَري ٿو پيو!

*

ڪا آڳِ ٻَري ٿِي پئِي،
هَر هَنڌِ اَلا ان جا، هر ماڳِ ٻري ٿِي پئِي!

*

Gul Hayat Institute

هر روز وڃائين ٿو،
تو ڪَنتُ ڪِپي پنهنجو مُرلي نہ ٻڌائين ٿو!

*

ٿو راڳُ ٻَري ٻاري.
ڇَپڙيون تہ هندو ناهن، ڪو ڌَرمُ نہ يَڪتاري!

*

ڇڻ ڀانءِ تہ ڪوري تي!
جو گيت ٻَئي ڳاتو مون ڪالهہ تنبوري تي.

*

ڪهڙو نہ تنبورو آ؟
ٿِي بامہ ٻري جنهن مان هٿ لاءِ تہ ڪورو آ!

*

ٿي رات وڳِي ٺُمرِي؟
ڪو دور درخت آ ڇا، جيڏانهن ٻڳي ڦُمرِي؟

*

Gul Hayat Institute

هي گيتُ اُمنگُ آهي،
ڇڻ رات ڀِني آهي ۽ دوَرِ ڪُهنگ آهي!

*

ڀَرِ ڀاند نہ ٻارَن جا!
اِئن وَڻ تہ ڇَٽِي ويندا هِي لال ليارَن جا!

*

ٿو گيتُ وَڃِي کَھڙو؟
جو آهہ صدي گاڏِي ۾ وقت جِئُڻ وَھڙو؟

*

ٿو ۾ تہ پَيو جيئان!
جو جام نہ ٿي خالِي، تنهن مان تہ پيو پيئان!

*

ڪامِي نہ وسامِي ٿي،
ڪائي تہ ڄِڀِي آهي جيڪا نہ اُجهامِي ٿي!

*

Gul Hayat Institute

هي هَٿَ ڪلاڪن جا!
ڪولِي تہ ڏسو يارو اَڄُ مَٽَّ ڪلاڪن جا!

*

هو چَنڊ ڪَتيءَ جو آ،
درياهہ پيو جَهلڪي چمڪاٽُ ٻتيءَ جو آ!

*

تيسين تہ صَديون ڪُرندو،
پيهار اَچِي جيسِين ڪا سَئِنَ هَٽِي سَرندو!

*

مون وٽ تہ فقيري آ،
هو ڏانهن لِڙي وڃ تون، هوڏانهن اَميري آ!

*

ڇا پاڻُ ٻُجهايان مان؟
تو چَنڊ ٻَري ٻاهر ڇا لاٽَ وِسايان مان؟

*

Gul Hayat Institute

هي ننڍ وليون آهن،
ڪيڏو نہ پِنيون آهن، ڪيڏو نہ جَليون آهن!

*

تون جنهن بہ ڳِهڻيءَ وِيندين،
اي شامِ وَرِي منهنجي ٽي ڪَڪَ مِٽيءَ اِيندين.

*

ان لاءِ تہ مان آهيان،
چاهين تہ اچا تُنهنجو مان ڳاهہ پيو ڳاهيان!

*

ڇا لاءِ وِڌءُ تِمجَهڻُ
سنسار سڄو ئي ٽي، هان آءُ ڪَوِي تون ڪَرڻُ!

*

ها، موڪَ ٽيو آهي!
ڇو ايئن ڏِسِي تُنهنجو، منهن سوڪَ ٽيو آهي؟

*

Gul Hayat Institute

ايڏو تہ عَلَمَ ٿاهيو،
آڪاس رَسِي جيڪو اهڙو تہ قلمَ ٿاهيو!

*

تون اَڄ تہ سانورڙي!
هي آهہ نئون مندر ڪُجھہ نَڄ تہ سانورِڙي!

*

ڏِسُ، ميلُ ڏِياتيءَ ۾!
سُرهو تہ وڏو ڪيڏو تو تيلُ ڏياتيءَ ۾!

*

◆ مان ڪيرُ اڙي بُلاَ!
تو لاءِ جتِي آندم، ڪجھہ لَڙڪ جَڙي بُلاَ!

*

❖ اڄ رات تہ رِلڪي ڪي
ٿو آنءُ پڙهان ليٽِي جِنُ سَمنڊَ ڏنڍِلڪي ڪي.

*

ايندا تہ جِئِين سانا.
● انسان ڪروڙين پر ايندو تہ نہ سنتيانا!

*

Gul Hayat Institute

◆ بُلا: پنجابي شاعر بلي شاهہ.
❖ رلڪي: جرمنيءَ جو مشهور شاعر.
● سنتيانا: جارج سنتيانا امريڪي فيلسوف.

ٿَڪراو پيالن جا،
فانوس ٻَرن ٿا پيا اڄ رات جِيالن جا!

*

❖ ڇا ويچ! ڪِري آهي؟
آ تَؤنس لڳي تَن کي، جنهن مُندَ ڦِري آهي!

*

ڀَهروپَ هُيا ٻوليءَ،
تو چندُ ڏٺو آهي، ڪنهن وقت اسان ٽوليءَ؟

*

دَفَ جِيئَن وڄايان ٿو،
هُو چَنڊُ، جڏهن توکي اڄَ راتِ نچايان ٿو!

*

Gul Hayat Institute

هي ڏيڍ ستا آهن،
جئن چنڊ گَهٽائُن ۾ هي ايئَن ڇتا آهن.

*

❖ ڪِري: پرهيز.

هِي ڪير جَتائن ۾؟
ڪنهن وَڻ نہ واهپرو جِن لاءِ گهتائن ۾!

*

پيلو تہ اڪيلو آ!
جَنُ رات پئي ڇلڪي، ڪوئي تہ بتيلو آ؟

*

◆ ڪنهن راز جيان سُوندا
اَڄ رات ٿِئي پيئي آ سازَ جِيان سُوندا!

*

❖ پَـڙلاءُ هِـلايا ۾،
مان شعر لکان ويٺو هي واءُ هِلايا ۾!

*

دونهون تہ وجي ٿو پيو!
جَنُ مِلَ ويائي آ ڪُونهون تہ وجي ٿو پيو!

*

◆ سُوندا : هڪ ڳوٺ.

❖ هلايا : هڪ ڳوٺ.

Gul Hayat Institute

ڪيڏو نہ مُنو آهين!
تون ڪُڙم منجهان هوندي ڇا لاءِ ڪُنو ناهين؟

*

درياهہ مَٿان ڪِلندِي،
ميهارَ ملي وينّدا، سُهِڻي نہ وَري مِلندِي!

*

ڇڻ مَندُ گهُري ٿو پيو!
برسات جيان پيجل، پيهارُ پُري ٿو پيو!

*

ڏس رات پِني آهي!
هر رات جيان ڪَوتا تو اڄ بہ ڏِني آهي!

*

ڇوَندين تہ رباب آهي،
تو آنءُ سِگهان خوشبو، مون لاءِ گلاب آهي!

*

Gul Hayat Institute

هي راهه عقابن جي،
ٿا ابر اچن وِچِ ٿي، آ ڪاهه ربابن جي!

*

پيهار اهو پُرندو؟
ڪيڏانهن وَئين پيجل، تون ساز کَڻِي سُرندو؟

*

هي ڏينهَن ڏَرڙ جئن آ،
جنهن مَنجهه ڇِپيل منهنجو ڄڻ شعر ڳَرڙ جئن آ!

*

تو مورتِيُون ٺاهِين،
هر روز اُهي ڊاهي، هر روز پِيُون ٺاهين!

*

هر شعر شباب آهي،
هر سِٽَ صراحي آ، جنهن منجهه شراب آهي.

*

Gul Hayat Institute

رنگ رَنگ ٻوليءَ ۾،
جنءَ بسنت ايندو آ هيل آءُ هوليءَ ۾!

*

اُستاد هُيو فاني،
جنهن وقت مليو مون سان ڪلهہ ياد هيو فاني.

*

مون شاعرِي ڪنئي آ
تو سَو خوشيون ڪنيون، پَر مون هڪ خوشي ڪنئي آ!

*

اڄ رات راڳُ ڳائي
◆ آڪاشِ تو پُڇايو مارُو ٻهاڳ ڳائي.

*

Gul Hayat Institute

مونکان ڇا ٿو چاهين؟
غالب! تنهنجو شعر هتي آ تون تہ ڪٿي ناهين؟

*

◆ مارو ٻهاڳ: هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

جوش مليح آبادي؟
اهڙي ڪابہ عَدالت، جنهن ۾ آنءُ ٿيان فريادِي؟

*

جي واٽَ ڀُلِي ويندين،
سنسارَ وڏِو آهي اي يارَ رُلِي وينديِن!

*

ٽيشن نہ ڪٽِي ايندي؟
ڪيڏانهن پَتا ڇُهندِي ڇا ريلَ هلي ويندي؟

*

چوڏس تہ ڇتاءُ آهي،
پر مون نہ ڏٺو اُن ۾ آخر تہ خدا ڇاهي!

Gul Hayat Institute

*

سڀ پولَ پڇون ٿا پيا،
پرڏيهہ آڏارون ڏئي ڪيڏانهن وڃون ٿا پيا.

*

ڪا گهرج نہ ٻاهرَ جي!
◆ ٿي راس اَچي ايڏِي ٿُلسيءَ هوا گهَرَ جِي!

*

سَپنا بہ عجيب آهن!
مان دوُر آهيان توسان ڪيڏو نہ قريب آهن!

*

رهندينءَ نہ تہ چا ٿيندو!
اي عمر! اچا اِڳتي ڪَهندينءَ نہ تہ چا ٿيندو!

*

مهمان سرا آهي،
ڪو ڪيئن ڇوِي اَچڻِي ڪنهن وقت قَضا آهي!

*

Gul Hayat Institute

تو ماڪ مٿان لاهي،
رابيلَ ٽِڙِي پوَندِي، چوَندين تہ خدا آهي.

*

◆ ٿُلسي: ٻوٽي جو نالو، جو هندو گهر ۾ رکندا آهن.

ڇڻ مَندُ وَڏي اڳتي!
تون ٻيلهہ، هَنو ساڳو، ٿو چنڊ وَڏي اڳتي!

*

تون تارِ تَرِي وينڊين؟
چا لاءِ اَبالو آن جي نيٺ مَرِي ويندين!

*

آيو تہ اَٿل آهي؛
ڇڻ ڇورُ پَپَن تي آ، هِي ڪير؟ اَجل آهي!

*

زيتُون ڪِريو نہ پَھہ،
ٿي تارِ مٿان آئي، جنهن وقت ڇَتونءَ ڇَھہ ڇَھہ!

*

Gul Hayat Institute

ڪو خوابُ هئي گاڏي،
هو ماءَ ٻچن سوڏي هو ڏُڏَّ يري چاڏِي!

*

ڪُجھہ گھارِ سَرائُن ۾!
آ نيتِ هِتان هَلتُو ٻيءِ، پارِ قَضائُن ۾!

*

هِي گھاٽَ مٿان ڪيئِي،
ٻيڙي تہ وئِي ٻَرجِي، ويئِي بہ اَڙِي ويئي!

*

اي موتَ اَچا جيِئان!
آ ڏُڪُ بَچيو باقِي، ڪُجھہ تَرسُ اَھو پيِئان!

*

ڀانئِيہ تہ مَرِي ويندس؟
سنسارَ! هميشه لَئہ مان ڪونہ ٽَري ويندس!

*

تو وَٽَ جيان ڪامان،
◆ ڪا مَتِ نئِين آهيان تو جيئُن ڪبيرا مان!

*

Gul Hayat Institute

◆ ڪبيرا : اي ڪبير! (ڪبير: هنديءَ جو شاعر)

بيڪار نہ ڪَرِٽي آ،
اوندھ تہ نہ آ ھر شيءِ، ڪا جوتِ نہ مرٽي آ.

*

تو لاءِ تہ پارَت آ،
جنھن لاءِ بہ آيو آ، ھي موتُ ڳجھارَت آ!

*

◆ ڇا تون تہ سَڌارت نانھہ؟
ڇو پيار سَوا تُنھنجو ڪوئي بہ پدارث نانھہ!

*

تون ڪونہ مَرِي مَرندين،
ڪجھہ ڏينھن رَھي پاسي، پانيان تہ وَرِي ورندين!

*

ھي موتُ اکر آھي،
ڏِسُ ھِيءُ بہ ساڄاھي، ھر چيز اَمر آھي.

*

◆ سِڌارت: گوتم ٻُڌ جو نالو.

Gul Hayat Institute

اي موت جڏهن اِيندَين،
تون گيتَ ٻڌي مُنهنجا، ڪجهہ وقتُ تہ سوچِيندين!

*

ڪيڏانهن وَڃي ويندين؟
هر طرف تہ مان آهيان جيڏانهن وَڃِي ويندين!

*

ٻيهارَ جِياري ٿي،
هي ڪوهہَ اِڳيان نيسَر ڪا ياد ڏياري ٿي!

*

هي چانهِہ مَرِي وَئي آ
هوڏانهن ڪَنڊِي ڪائي، جنئن هيٺ ڪِري پَئي آ!

*

سوڳهو تہ هيو ڏاڍو،
هي ڏار هوائن ڪان، پر ڪَيرُ ڇَڄوي؟ واڍو!

*

Gul Hayat Institute

ٿا پاڻ رکُون خبرُون،
هڪ طرف سَٿون تُنهنجون ٻي طرف سَوين قبرون!

*

ٿي لاتَ ڪَري سانجِهي،
ڪو ٿاهه نہ ساگر جو، هو هيڪلِڙو مانجهي!

*

اڄ رات خُدا ايندو،
تون آڻ ٻہ تازا گل، جو موتَ جُدا ايندو!

*

ڇا زَهر پِياريندين؟
سقراط جيان مونکي پيهار جِياريندين؟

*

Gul Hayat Institute

بَس! آنءُ رڳو آهيان،
آ سمنڊ اڳيان ڪيڏو، ڪيڏانهن ڀڳو آهيان!

*

اي موت! ڀَلِي اَچ، وِيھُہ!
تون لاھہ جُتِي ٻاھر ۽ ڀوءِ اسان وٽ پيھُہ!

*

چڻ ھيلَ تہ آڻِ آھي!
ھي روز تِڪا چاقو، ڪيڏي نہ سَراڻِ آھي!

*

ٿو جاڳَ نہ چاھين تون؟
ڪا ننڊَ انوکي آن، ڇا موتَ نہ آھين تون؟

*

تون ڪيرُ؟ نہ ٿو ڄاڻان
ڇا لاءِ ڀڳو آھيان مان ھيِئَن ڪڏھن ڀاڻان!

*

تون ڪيرُ؟ اَجل آھيان
مون ڏانھن اَچين ٿو تون؟ پر مان تہ اَزل آھيان؟

*

Gul Hayat Institute

توتي تہ رکِي آهي!
سُقراط تہ ناهيان مان پر زهر چکي آهي.

*

گهوڙو نہ جهليو، ويندس!
بَس هانءُ گهٽو پِيتو، بس هانءِ هَليو ويندس!

*

چڻ چنڊ بہ پيلو آ!
ميهار ويو ڪاڏي؟ اڄ روحُ اَڪيلو آ!

*

آ موتَ وڌو ڏوڏو،
هر ڳالهہ وساري ٿو، آن جو تہ رڳو لوڏو.

*

Gul Hayat Institute

اي! موتَ نہ مارينديِن،
تون آنهہ رڳو ڏِيئو، بَس راتِ اُجاريندين!

*

اي موتَ ڪَڪَرَ آهين،
گهنگهور گهٽا وانگر ڪيڏا نہ ڇَڪَرَ آهين!

*

مون ڪان بہ ٻَراهون ٿِي،
ٿو موتَ مَري هَرڪو ٿون موتَ مَٿاهون ٿِي!

*

ياٽو تہ اِهوئي آ!
تونءِ آءُ پڪِي، دل جو داٽو تہ اِهوئي آ!

*

سنسارُ مَڇيري جو،
ٿو روز مَڇيون ماري، هِي ڄارُ مَڇيري جو!

*

Gul Hayat Institute

هِي سمنڊ اَجهاڳُ آهي،
جنهن لهر مٿان آهين سا لهر تہ ماڳُ آهي!

*

ڪنهن کي بہ پَرو ناهي!
ٿو سمنڊ هٽي ڇوليُون ڪوئي بہ تَرو ناهي!

*

ڪيڏانهن اڳي نِينديُن؟
اي موت! مسافر آن ڪِٿ راتِ گذاريندين؟

*

تون موتَ- گھڙي آهين؟
ڇا لاءِ ڏڄان توکان ايڏي تہ ڪَڙي ناهين!

*

اي موت مِنو آهين،
جڏن آنءُ ڏٺو توکي ٻي ڪنهن بہ ڏٺو آهين؟

*

تو ڪجھہ تہ ڇيو آهي!
هئن وَڏَ ڦٽو مون تي ڇا لاءِ پَيو آهي؟

*

Gul Hayat Institute

آڄ رات رتل آهي،
اڄ رات هتان هلجي ميڙو تہ متل آهي؟

*

تون ڪير مگر آهين؟
درياهہ وهي ٿو پيو، ڇا ننڊ ڪپر آهين؟

*

سنسار بہ مايا آ،
جو چنڊ وڇايو آ سو ڄار بہ مايا آ!

*

ڇا ڏيهہ ڇڏين ٿو تون؟
جي هيل پني آهي، ڪيڏانهن لڏين ٿو تون؟

*

Gul Hayat Institute

تون مان تہ مڃيون آهيون!
ٿو موت جڏهن ماري ڪيڏيون نہ اڃيون آهيون!

*

جي موتَ ڏِنو پيڙو،
خود ڇُهنب منجهان ڪرندو، اي ڪاٺ ڪُنا ڪِيڙو!

*

وَڻ ڪي ٻہ تہ پَر آهن!
تو چانهِہ ڏناڪونَهن اَن لئہ ٻہ سفر آهن!

*

ٻيهار ڪڏهن ملندو؟
اي راهگذارو هو ڪيڏانهن ويو ڪِلندو؟

*

ڪيڏانهن وَئينءَ ڪِلڻِي؟
تون نانهہ وري، مُونکي ٻيهارِ ڪڏهن مِلڻي؟

*

Gul Hayat Institute

ڇا آنءُ اَڪيلو هان؟
’تون‘ ساٿَ ڇڏي ويندين، ’هو‘ آهہ سدا مون سان.

*

هَل وقت پُنو آهي؛
اهڙو بہ پکي آ، جو وَڻ لاءِ رُنو آهي؟

*

ڇا جهونجهِڪڙو آهي!
ڪائي تہ بُتي آهي ڪوئي تہ پِڙو آهي!

*

رت پونءِ رڱو ماٺو،
ٿو موتِ مَري پَنهنجي، جي پونءِ رڱو ماٺو!

*

تون ڪَير؟ ملايَڪُ آن،
ڇا آهہ بہ ڪجھہ اڳتي؟ مون لاءِ وڏو شَڪُ آن؟

*

Gul Hayat Institute

ڪوئي تہ ڇوي ساڏو،
سنسار ڪُتو آهي يا آهہ ٿيو واڏو؟

*

ڪيڏو نہ ننڍڙو آهين!
تون ڪيئن اَٽو هوندين ايڏو نہ وَڏو آهين!

*

تو ڳجھہ سلِڻ چاهِين؟
ڏسجانءِ متان پنهنجو تون پاڻَ رڳو ڏاهِين!

*

تون نانهہ پَري سائِين!
مون سَمنڊُ پئي سُونجهو، چا لاءِ تَري تائِين!

*

آ پارِ ٻڪي ٻيڙِي،
ڪوئي نہ پتڻ تي آ، يا آهہ رُڳي ٻيڙي؟

*

Gul Hayat Institute

نادانَ پيو ڳوليان،
تُنهنجو نہ پتو جَن سي اِنسانَ پيو ڳوليان.

*

چا راھ ڪَٽِي ويندين؟
تو ھَٿَ ڏنو آھي ڪيڏانهن وَٺِي ويندين؟

*

چا لاءِ پيو دانهين؟
جا روز سَڏِي پيئِي تنهن آد جيان آھين!

*

شهناءِ جيان آھيان،
ڪنهن آھ وَڍيو مون کي جو ھاءِ جيان آھيان؟

*

تو سورَ ڏَئِي مارِين،
پيڙا تہ نهيو، چو تو، تون پورَ ڏَئِي مارين؟

*

Gul Hayat Institute

مان موتَ مَتاھون ھان،
جي ڏورَ ڏسين مون کي اڳ ڪان بہ اَڳاھون ھان!

*

ڇا رَوِءِ زمين آهين؟
ڪِٿ ناهہ مڪان اهڙو، جت تون نہ مَڪِين آهين!

*

هر رَڙ بہ تہ آ مايا!
تاريخَ سَڄِي ڀيهَر جي گهڙ بہ تہ آ مايا!

*

تو هانءُ هِڄِي- سپنو!
تو ڏَپُ ٽِئِي ڪَنهنجو؟ تو ڪيرُ ڏِڄِي- سَپنو!

*

هي نادَ وڳا ڪنهن لئِہ؟
ڪوئي تہ ڳوالو مُئو ڄِرڪيا تہ ڏِڳا ڪنهن لئِہ؟

*

Gul Hayat Institute

موتَ هڪ جُدائي آ،
جا اڳي ڪڏهن توسان آنءُ آزمائِي آ!

*

هڪ نئون نِڪار آهي،
جي اڄي خزان کان پو موت هڪ بهار آهي.

*

زندگي پِرولِي آ،
پر ڏسين اگر سوچي موت کان بہ سولي آ.

*

آ ڪائنات ڪيڏِي!
اي چنڊ! اي ستارو!، ڪنهن جي برات ايڏي؟

*

اوچِي نِهارَ ڪنهن جِي؟
اي ڪائنات تو ۾ ايڏي اَڏار ڪنهن جي؟

*

Gul Hayat Institute

ڪهڙو پکيڙُو آن؟
توڙي وئين اَڏامي تون اڄ بہ لِيئَڙو آن!

*

وقتَ جِئَن نہ ٽَڪُ ڪوئي!
عمر ڪان ڪسي ڳَنڙي هِئَن ويو نہ اَڳُ ڪوئي.

*

ٿو وڃان ڀَرِي تائين،
اي اَنَنت ڳولها ۾ سمنڊ جي تري تائين.

*

ايڏو بہ نہ ٿي پَڌَٽو!
آ ڪيرُ هِتِي جنهن ڪي آهي نہ هِتان لَڏَٽو.

*

سپنا اياز سائين!
ڇو ائن ڇڏي وَئُين تون، سا پيا اياز سائين؟

Gul Hayat Institute

*

سُک ڄاڻُ تہ آهي ڇا؟
ڏُک آهہ سندس ڪارڻ ڏکَ ڄاڻ تہ آهي ڇا؟

*

هي جو چڙهو چانڊ،
ڪيڏي تتيءَ باهه سان ٻري ٿو برهمانڊ!

*

تنهنجا پارَ اَپارَ
ڪويل جي ٿه پهه پکي ڪتين ۾ ڪوڪارَ.

*

ڏولي ته اچي ٿي پئي،
ڪو آهه پنيان پردي، ٻولي ته اچي ٿي پئي!

*

ٻولي ته سنڌءِ سولي،
مون لاءِ ته تون ائن آن، جئن ماءُ ڏئي لولي!

Gul Hayat Institute

*

خاموش! خُدا آهي،
تو لاءِ جُدا هوندو، مون لاءِ جُدا ناهي.

*

ڇڻ سُنبَ پيا ٽِرڪن،
ڪوئي تہ مَرِي ويو آ؟ گھوڙا تہ پيا ڇِرڪن!

*

تو ڪان تہ وڏو آهيان،
تا سَمنڊُ چون توکي، ڇا آنءُ ٿڌو آهيان؟

*

ڇا تارِ تران توسان؟
درياھہ تہ آ ڪيڏو، ٻي پارِ تران توسان؟

*

ڪجھہ سوچ تہ سَرتا آ
هوڏانهن ٻہ ٽي ڪِيڙا، هيڏانهن اَمرتا آ!

*

Gul Hayat Institute

تون ٺِي تہ سَهارا آن،
سنسار نديءَ وانگر، تون ڪَپَّ ڪنارا آن.

*

تائِيدَ تہ ڪا ناهي،
مان هيل بچي ويندس اُمِيد تہ ڪا ناهي!

*

هي ساهہُ بہ تون آهين،
سيسارُ بہ تون آهين، درياهہُ بہ تون آهين!

*

هي تارَ بہ تون آهين،
ميهارُ بہ تون آهين، سيسارَ بہ تون آهين.

*

بَسِ آن هليو ويندس،
هِي آهہ سِڏو توڏي، گسِ آنءُ هليو ويندس.

Gul Hayat Institute

*

ڪا باڪَ اِئين ايندي،
مان ننڍ پيو هوندس ڏونڏاڙ پئي ٿيندي!

*

پپرو تہ اچا ساڳيو!
ڪيڏو نہ پري اُڏرِي هان ننڍ منجهان جاڳيو!

*

وَڃُ دُور مُدامي وَڃ!
تون سار نہ پڇري ڪي، ڪنهن وقت اَڏامي وَڃ!

*

اي عُمر وڃين پيئي؟
درياهہ پيو چُلڪي تون بَندَ ٻڌين پيئي؟

*

اڄ ڳاٽَ جُمِي تُنهنجو،
في الحال ٻَڌي ٻيڙِي، مون گهاٽَ گُهمِي تنهنجو.

*

Gul Hayat Institute

جي چَنڊَ جَهلِيو ويندس!
ڪيڏو بہ ڪَپَر ڪُرندا، اي ناوَ، هليو ويندس!

*

ڪيڏو نہ مٺو سپنو!
آ ٻاڪ ڦٽي؟ پنڇي تو راتِ ڏٺو سپنو!

*

هي ساهہ گهٽو رهندو؟
اي ناوَ! هَليو ويندس درياهَ پيو وَهندو؟

*

تو نيٺ مَڇِي ماري!
ٿو واهُ چِٽي اَن ۾ بي ساهُ نہ سينگارِي!

*

ها چَنڊُ مَڇِي آهي،
پر ماڳِريو سارو هِي مَنڊ مڇي آهي!

*

Gul Hayat Institute

چوڏول پيو ڦِرندو،
تون هيٺ مَٿي ويندين، هو گولُ پيو ڦِرندو.

*

چا لاءِ وِڏءِ گھانگھو؟
ڪيڏي نہ مزي سان ٿي ڪلهہ رات ويو ڄانگھو؟

*

جي رات ِ وَهيا ٽِينڊِي!
تِن شامَ ڪَجيءَ تي ٿي ڪُڄهہ نِنڊَ اچي ويندي!

*

منهنجو بہ خُدا آهي،
ڪنهن وقت گلاب آهي ڪنهن وقت صبا آهي.

*

چا پَنڌَ پُڄائيندا؟
ڪنهن وقت هَڏا منهنجا شرناءِ ◆ وَڄائيندا؟

*

اي پوپٽڙا ڪيڏانهن؟
جيڏانهن نظر آيو تو آهہ خُدا تيڏانهن؟

*

◆ شرناءِ: شرنائي، شهناءِ.

Gul Hayat Institute

ڀي ڪي بہ ڀِراڻُ آهي!
جي ڇاڻَ اِها ڄاڻِين خَنجر بہ مِياڻُ آهي.

*

تون تيز ڪَتارِي آن،
◆ مرهم بہ تہ تون آهين، تون وارُ بہ ڪارِي آن!

*

ٻيهار نہ هِي ايندو،
پَل گلُ جِيان آهي، ويندو تہ ڇڻِي ويندو.

*

اي موتَ! ٻِلِي آئين!
موڪل نہ وَٺَڻِ مونکان، جنهن وقت هَلِي آئين!

*

Gul Hayat Institute

ڇو ڏاتِ وِسامِي ٿِي؟
ڇا باڪ ڦٽِي آهي ڇا راتِ وِسامِي ٿِي؟

*

◆ ڪاري وارُ: خطرناڪ حملو.

ڪارِي ٻہ نہ ڪيڙائو!
ٿو سَمنڊُ ڏِسين ڇا لئہ تون سجً لَٿي پائُو؟

*

مون لاءِ ڳهَٽا ڪُپڙيءَ؟
ڪي ڏينهن اڃا هَلندا، ﻫﻲ ڪُجُهہ ڪَٽا ڪُپڙيءَ!

*

ٻيهارَ ٻہ ملنداسِين،
ڪنهن دورُ ستارِي تي ٽِيهارَ ٻہ ملنداسِين.

*

بس ڇانٽَ پُني آهي،
مون لاءِ رَڌي تو هيءَ ڇاڪاڻ ڪَني آهي؟

*

آ جاڳَ وَڌِي ويٽر!
ٿِي جهونجهڪڙو جيسِين تو ننڊَ نہ آ تيٽر!

*

Gul Hayat Institute

جِتَن ماڪَ اَڏامي ٿي،
اِي آدِميو! آخر هي خاڪَ اَڏامي ٿي.

*

آهي ٻہ تہ ڇا آهي؟
جنهن جوڙَ سَڄِي جوڙِي ڪوئي تہ خدا آهي!

*

تونہ عرش پُڄائين ٿو؟
هِي ٻپہر ٻَري ويندا جن لاءِ ڪَنائين ٿو!

*

هي گهاوَ هُيا تُنهنجا؟
ٿي آنءُ انالاحق چيو، پَٿراوَ هُيا تُنهنجا.

*

Gul Hayat Institute

اي موت لَهِي سگهندين؟
ايڏو تہ ٻَري آهيان تون ڪِيئَن ڪَهِي سگهندين؟

*

تون ڳولَ خُدائيءَ ۾!
آ ڪيرُ ڪَنو توسان هر وقت جُدائيءَ ۾؟

*

اڄڪلهه سفر آهي،
◆ استاد بخاريءَ کي، چوَ پيرَ نہ ڪجهہ ساهي!

*

چوڌار ڪَتيون آهن،
سنسار ٻَري ٿو پيو، ڪيڏيون نہ ٻتيون آهن!

*

ڪجهہ وقت تَري ويندو،
جي موت گهٽائن کي ڏِسندو تہ ٽَرِي ويندو!

*

Gul Hayat Institute

ڪنهنجي نہ مجي ٿِي پئي،
سَئو ڏَڏَ ڏِيو يارو، هي دل تہ وَڃِي ٿي پئي!

*

◆ استاد بخاري: سنڌ جو مشهور شاعر.

ڪا موتَ مَهل آهي؟
ڪنهن لاءِ ڀَڏي ڀوڀي ڪائي بہ ڪَهل آهي؟

*

ٿي دانهن تہ دُورين مان!
جنهن وقت وَهيا ڪِپريا، بَندوقَ ڪجورين مان.

*

ڇا نِنڊَ سَڏي ٿي ڀِئِي؟
ڪيڏا نہ وَڃائِي اَڄ هِئِن گهنڊَ سَڏِي ٿي پئِي؟

*

سنسارُ ڏسان توسان،
اي چَنڊَ اگر ترسِين ڀيو پارُ ڏسان توسان!

Gul Hayat Institute

*

چڙ دُور پِيارن سان،
مون ايئَن ڪيون ڳالهيون، ڪلهہ رات سِتارن سان!

*

سنسارَ جيان سپنو؟
جنهن ننڊ اکين ۾ آ، تنهن پارَ جيان سپنو!

*

هي موتُ تہ پَلَ آهي،
جنهن راتِ ملين ٿي تون سا راتِ اَزَلُ آهي!

*

آ جڳ سَچو سپنو،
هِي ماڳ بہ اُن وانگر، جِئَن ڏڳ سچو سپنو،

*

اَڳَ مور هُيس ڇا مان؟
اڄ رات گهٽا وانگر، گهنگهورُ هيس ڇا مان؟

Gul Hayat Institute

*

جنهن وقت مَرِي ويندس،
درياھ وهي ٿو جو تولاءِ تَرِي ويندس.

*

هِن لوڪَ منجهان لَڏجِي،
هَتُ نانهہ رهيو هَت ۾، ڪيڏانهن وَيو ڇَڏجِي؟

*

ڪنهن جاءِ مِليون ڏيلون؟
ڪيڏانهن وئي ڪُتيا، جنهن جاءِ تِليون ڏيلون؟

*

ڪيڏيون نہ ڳِليون آهن؟
سَوَ سال اڳي پياريون، جنهن جاءِ مِليون آهن!

*

اي موت سنڌءِ ٻولي،
ايڏِي تہ مِٺي آهي، جٺن ماءُ ڏِئي لولي!

*

Gul Hayat Institute

ڇُونڊِي تہ ڳِتِي ڏادِي!
اي موت! سُمهڻ ڏيندين ٿي نِنڊ ڦِتِي ڏادِي.

*

قدرت تہ حساب آهي،
هَر انگَ اکر اُن جو محفوظ ڪتابَ آهي!

*

موت جي قريب آهين،
پو بہ ايترين مَستيُون، ڪيترو عجيب آهين!

*

ڪو نہ ٿو لڳي ڪوڙو،
موت هڪ ڪهاڻي آ، جا ٻڌي پيو ٻوڙو!

*

دَردُ آهہ ڇاتيءَ ۾!
پو بہ ڪيترو آهي آسرو حياتيءَ ۾!

*

◆ هِي جاءِ ادب آهي،
هت اءُ جُهڪي ويجهو، اي موت جُتي لاهي!

*

Gul Hayat Institute

◆ جاءِ ادب: ادب جي جاءِ. زير اضافت ڪم آندل آهي.

اي موت! جڏهن ايندين،
ڪنهن وقت به مون غافل پَل لاءِ نه پائيندين!

*

اي موت! پُڇيئِہ ڪنهن لاءِ؟
هر وقت ته ياهر آ، ڪنهن جاءِ ڪڏهن ڪنهن جاءِ!

*

ڪو ڪٿ نه هاٿي جو،
ڪيڏو نه مگر سوچيو تو آهي سياٽي جو.

*

هي پَٽَ منجهان پينگهون،
تو لاءِ اسان باقي، ڪجهه سالَ پيا اِينگهون!

*

ڪٿ ڳوٺ ڇڏيندس مان!
جنهن وقت سڪر آيس تو ڏانهن به ايندس مان.

*

Gul Hayat Institute

اوتارَ اچن ٿا پيا،
تون آنهہ لَڏي سان گڏ، آثار لڳن ٿا پيا.

*

هي پَنڌ پَهاڙن جو!
هيسيِن تہ پِلو ناميان کو هَنڌ پَهاڙن جو!

*

کيڏانهن جُهڪي ڏاچِي،
اڄ ڪالهہ سياست جي مون واڳ پئي جاچِي.

*

هِڪُ مِينهَن ڪَري ڪَڙڪا،
بيو وِڄَ وراڪا ڏي ۽ رعد ڏِئي دڙڪا.

*

Gul Hayat Institute

طوفان لڳا ڏاڍا،
ڪيڏيون نہ ٿيون تاريون، ڏِسُ ڏارَ پَيا ڏاڍا!

*

پورِي تہ ٿِيُي پَن ڇَڻَ!
ڏسجانءِ جڏهن پائن، پهراڻ نوان وَڻَ ٿَڻ،

*

سُو سِجَ ڪِڙِي پوندا،
جنهن وقت بسنت ايندو گل اِيئَن نِڙِي پوندا!

*

هي روجُهہ هيو رِڻِ ۾،
جو رات ڇلانگن سان ڪيڏانهن ويو ڪِڻ ۾!

*

تِي بَسَ وِچِي تَڪِڙِي،
هِي شهَر وَڏِي ٿو يا تِي چارُ اُٺي مَڪِڙِي!

*

Gul Hayat Institute

ڪو چَرس ڇِڪي اڳيان،
آ بَسِ هوا وانگر ٿو موت وِچي دَگ تان.

*

جي پارِ پُڳا ڪَرها،
ڇا لاءِ پُڇيئِہِ هاڻي اَرهاڪِہِ هُيا سَرها!

*

ڪا باڪَ اُپِرڻي آ،
هن سڄَ جيان سَچ جي ڪا ساکَ اُپرڻي آ!

*

تون سوچ تہ پَنتَ آهيان،
نانڪ بہ گرنٿ آهي، مان بہ گرنٿ آهيان.

*

جا واٽَ وِيان ٿو مان،
پيرا تہ چِٽا آهن اي ماٽَ وِيان ٿو مان.

*

Gul Hayat Institute

پانيان تہ پَلو آهي،
پنجاب نہ ٿو ڄاڻي باهو ڪِہِ بُلو ڇاهي!

*

مون لاءِ پنائيءَ جو،
ڇا لاءِ سدائين هو پيغام جدائيءَ جو؟

*

هر وقت سنڌ ءِ سارُون،
تون دورُ سَهين تِرُکن، ڪنهن وقت بہ ديوارون.

*

آ پارِ پتڻُ ڪَرٽو،
رپيدارُ تہ سڀ ڪان پو، اِڳوات تہ ڏَنُ ڪرٽو.

*

هِي سِرَ نہ سِرُون آهن!
جيڏانهن بہ ڏس پيلو ڪيڏا نہ مِرُون آهن!

*

Gul Hayat Institute

ويساهہ ڪيو وپڙها،
ڪنهن وقت وري ايندا شهتوت مٿان هپڙها!

*

گھنگھور گھٽائن ڪان،
هوڙا تہ بچي ويندا، پَر تيزُ هوائن ڪان؟

*

اڄ چَنڊُ تہ ساڻُ آهي،
تون وڳَ وٺي ويندين؟ ڪجھہ دورُ وٿاڻ آهي!

*

اي خواب! ٽِڙيا ماشا!
جڻ ڳامُ ڳُجهن جو ها ڪنهن هَنڌِ سَوين لاشا!

*

ڪجھہ ڏُونڊَ پئي تاڙي،
ڪا هِلِ هوا ۾ آ هيڏانهن ڳِچي لاڙي!

*

ڪيڏانهن ڪَهن ٿا پيا؟
گهوڙا تہ سَوين ٺُڪرا جَڻ هيٺِ لَهن ٿا پيا!

*

Gul Hayat Institute

هي جهنگ وڏو آهي.
هيڏانهن لڙون هاٿي، ايڏانهن ڪڏو آهي!

*

تون آنهه تہ پاڻيءَ ۾؟
هوشو بہ مئو هو پَر تِي ويڙهہ مياٽي ۾؟

*

هاٿي تہ درندا ها،
ڪنهن وقت تہ جڻ مون وٽ انسان پرندا ها!

*

تون هونءَ مري ويندينءَ،
اي سِنڌ بَچِي ويندينءَ جي هاڻِ ٺَرِي ويندينءَ.

*

Gul Hayat Institute

ڪيڏِي تہ ڪڏي ڪرسي،
مونکي تہ اچي ڪِرسي، ٿو نانءُ ٻڌي ’ڪُرسي‘!

*

هي شهر تہ ٻيلو آ،
ڪيڏا نہ مِرُون آهن انسان اَڪيلو آ!

*

ڇا لاءِ جُهرِين ٿو تون!
جي روس اهو ناهي ڇو پاڻُ نہ ٿِين ٿو تون؟

*

وِجُهہ ڏوڙ سياسَت تي!
انسان رَهيو آهي ڪنهن وقت بہ هڪ مَتِ تي؟

*

ماڻهو بہ مرُون آهي،
هُو ’آنءُ‘ رڳو آهي، ڪنهن وقت بہ تون ناهي.

*

Gul Hayat Institute

ڪجهہ وقت ’اسان‘ آهي،
تاريخ پڙهي ڏسندين بالآخرِ ’مان‘ آهي!

*

اي ڪڪَا! سياست جي،
تو روز هٽين مونسان ڇو جڪَ سياسَت جِي!

*

تو ڇونہ ٻُڌو مونکي؟
تو ڪوڙ هلي ڪيڏو تو ڪونہ ٻُڌو مونکي.

*

هڪڙا تہ سَهن وانگر،
ٻيا ڏِس تہ لڳن تا ٻيا نَاهر جي نَنهَن وانگر!

*

تون قومَ ڪٿي آهين؟
تون خود بہ نہ ڄاڻين ٿو، چاهِين بہ تہ ڇا چاهين!

*

Gul Hayat Institute

تون خَبطَ صدين جو آن،
سمجهين تہ ائين ٿو ڇَڻ تون رَبطَ صدين جو آن.

*

اي مِينهَن! مَرڻَ ايندا،
تون تارِ تَرائِي ڪَر، هَر راتِ هَرڻ اِيندا!

*

اي هُبَ هَلي ويندينءَ!
ڇا ڪونہ وَسائِيندينءَ تِي اُبَ هلي ويندينءَ؟

*

ڇا لاءِ ڀِلا واريءَ؟
طوفان ڏِڪيا آهن، هر وقت سَلا واريءَ!

*

اي ٻاٽَ ڪري ڏاڍا،
هوءَ ڇِپَ وَئِي اَڏِرِي، چرڙاتَ ڪري ڏاڍا!

*

Gul Hayat Institute

ائُن وَهتُ نہ پاڇاريءَ،
اِن رِيت لِکيو آهي هي ليکَ بہ ليکاريءَ!

*

مون کي نہ ميارون ڏيو!
◆ ڄڻ وڄ ڪِري پئي آ اڄ ڏنِ مٿان تنهنجي.

*

توئي تہ گهُريون ڇورا!
❖ ٿَر ڪالهہ وَيا تيلهي، تون ڪاءِ ڪُريون ڇورا!

*

جنهن وقت پوي پارو،
گورو بہ ڏکي تَنهن ۾ تو جيئَن ڏکي ڪارو.

*

ڀي ڪابہ دوا ڪِينَ آ!
هِي مرض سياست جو، تَنهن لاءِ ڪِلوتِين آ؟

*

Gul Hayat Institute

تو لاءِ تہ کهاٽَ آهي،
ڪِن لاءِ ندي جنهن مان ٿي ناوَ اُچاٽَ آهي.

*

◆ ڏنِ: گاهہ يا اَنُ ڪٽڻ ڪري اوکي وقت لاءِ ڏن ٺاهيندا آهن، جيڪا باهہ سان نہ سڙندي آهي.
❖ ڪُريون: هنداڻي جا سُڪل ٻج.

هي شهرُ بہ مانگرڙا،
جِن پيٽُ نہ تو پرجي، هر چيزَ لڳي ڏَرڙا!

*

تا واتَ هلن هِتڙي،
مانگر بہ مِلَن هتڙي، ويسَر بہ پَلن هتڙي!

*

هي ننڍ مٿان توپي!
ڪيڏي نہ لباڙ آهي، ڪلهہ رات هنئي تو، پِي!

*

ڪيڏو نہ هيو ڪِيدِي!
جو ڪالهہ مٿو پچندي ڏاڙيل مُحَب شيدِي!

Gul Hayat Institute

*

قانون بہ تون آهين،
قارون مٿو ناهي، قارُون بہ تون آهين!

*

چا تياس مٿان ٽنگجُون؟
بي موت مَرُون يارو! ڳالهيون نہ ڪيون جنگ جون؟

*

آثار چون ٿا پيا،
هو اَبَّ پَڙِي اَيري چِندا بہ پون ٿا پيا!

*

ٿَڻُ آهہ تہ آهي ٿرُ،
ڪاراڻ ٿِيو آهي هن وقت اُتر اوڀَرُ.

*

تون چُپَ تہ ڪَرِ چِرڙِي!
ٿو اَپُ لڳي سارو ڪيڏِي نہ تِتَر ڪَرڙِي!

Gul Hayat Institute

*

ملهار تہ ڪجهہ ڳايو،
هن وقت ڏڪڻُ اولهہ، آيو ڪہ اِجهو آيو.

*

تاڙا بہ تنوارن ٿا،
ڪجھہ مورَ ڪري دانھون، اي اُبِّ پُڪارن ٿا!

*

ڇا لاءِ ڪَنَھيَءِ ڪِياڙِي؟
سَچ چَئُہ تہ بري بُڪ ڪان ڇا آھہ نہ ٻُوٽاڙي؟

*

ڪجھہ خوابَ ڇپائي رک،
ٻي راتِ بہ اچڻي آ، اُن لاءِ بَچائي رک،

*

ڇڻ ڪُٽِ سَتائي ٿي!
اي موتَ اِئَين مون کي ھي رُتِ سَتائي ٿي!

*

Gul Hayat Institute

ھُو چَندُ مٿان چَڪلي،
ڪجھہ لوڪ لَڇا واريُون ڪيڏانھن ٻيو ھَڪلي؟

*

هي ياڙِ سياست جي!
ڪيڏو نہ وئي وِچڙي ڪو راڙ سياست جي!

*

جنهن وقت پڪِي ايندا،
منجر بہ مَلهي ويندو تو گهَرِ بہ سڪِي ايندا!

*

هن وقت تہ ٻَر پيڙي،
مانيِ بہ پَڃي تِي پئِي گهر گهاٽ بہ آ ٻيڙِي.

*

ڪو ڦَٽ سُڪو ناهي،
آ مَڏ چُڪي باقي ڪو مَٽ سُڪو ناهي!

*

Gul Hayat Institute

ڇا سَچ مَرِي ويندو؟
ڇا رڪ وَڃِي رهندِي، هي مَچ ٻري ويندو؟

*

ڪيڏو نہ سَڙِين وينو!
ٿو ڪجهہ نہ ڦِٻي توڪي پر ڳهات گهَڙِين وينو!

*

ڪيڏِي نہ وَڏِي آهي!
ڪيئِي تہ ڪُنا اِن تي هِي آسَ- اَڏِي آهي!

*

هي ٿَنبَ ڏِسو ٿاڻَن!
آ ڍَڪُ وَڏو تِن تي جيڪا بہ وَڏِي ماڻَن!

*

سَڀ ڏارَ ڪَپيل آهن،
جنهن وقت رڍون آيون ريڍارَ ڪَپيل آهن.

*

Gul Hayat Institute

هي پيچَ پنيءَ پاڻان!
تون آءُ وري موٽِي ٻي ڳالهہ نہ مان چاڻان.

*

ڏِس سانتِ اَڪيلِي آ،
تون آءُ هلي تو لَئِہِ ڪيڏي نہ حَويلِي آ!

*

اڄ ڪالهہ مڪين وانگر،
انسان ڪڏهن ٿيندا آزاد پکين وانگر؟

*

◆ اڏ رات، رِڳي ڪانجهي!
پيڙي تہ پَڏءِ پَرتي ڪجهہ وقت اڳي مانجهِي!

*

❖ هي ڪامِڙيا آهن
ڪامو بہ پيا ڪوٽن، ماني بہ پيا ڪائِن.

*

Gul Hayat Institute

ڄڻ تيز ڇُرو آهين!
تون دوست بہ آن منهنجو، دشمن بہ بُرو آهين!

*

◆ ڪانجهي: ڏايا پترا چانور، گهٽي لوڻ وارا.
❖ ڪامڙيا: مزور.

کنهن وقت ستائين ٿو،
پڇتاءُ بہ پاڻ آهين جي ڪنڌُ ڪپائِين ٿو!

*

هي سُرخ سلام آهي،
ڪنهن کي تہ مُئا ڪن ٿا ڪوئي تہ مقام آهي!

*

ڇا گهنڊَ رڳو ڳِرجا؟
◆ تون آنهہ پروهت پر پَرِيِن آئي پِرجا!

*

تو ڪانوَ تَڙِي ماڙهو!
هي ماڇ ڇڳِي ناهي گهٽ ڪاءُ اڙي ماڙهو.

*

Gul Hayat Institute

ڇا وَسُ رڳو واڪو؟
تو لَڪُ وَڃي آڏو ڪيڏو تہ نہ چاڙها ڪو!!

*

◆ پَرِيِن: باشعور.

ڪَنهنجِي نہ مَچِيندي آ،
ڏَرتِي تہ سَهي وانگر هَر وقت چٽيندي آ!

*

اِئن ساڙَ سَڙِي ويندين!
ڪالهہ نہ تو ايندي، جنهن وقت لَڙِي ويندين.

*

ٻُک ۾ تہ ڪَچا ڪائِي
ڏَرتِي تہ ڪَتِي آهي، تي روز ٻچا ڪائِي!

*

گڏ آنهہ نہ گڏڙي ۾؟
تون دُور لڳين ڪيڏو پيو هونءَ تہ سَڏڙي ۾!

*

Gul Hayat Institute

گڏ آنهہ تہ گوڙيءَ ۾؟
هي چنَ ڪِ چيرولِي آ وَقتَ- تِجوڙيءَ ۾!

*

ڇا موت ٻرو آهي،
پر هيءَ حياتي خود، هڪ تپرُ ڇرو آهي؟

*

تو وَٽ تہ ٻہ ٽي مينهون!
گهر گهاٽ ڇڏي ڪنهن لَئِہ درياه اَندر پيهون!

*

اڄ رات اَڪيڙي ٿِي،
ڪيڏا نہ سَلا پاڙُون برسات اَڪيڙي ٿي!

*

ڪئن لُونءَ ڀِلي لولِي!
تون ٿَڃُ جيان ڪنهِجي، ڪَنهن وقت هُئِينءَ ٻولي!

*

Gul Hayat Institute

◆ آ مُندَ نہ آمَن جِي،
توکي تہ اچا عادت بي وقت اَڏامَن جي!

*

◆ آم: انب

بندوق نہ تو تاڙِي،
تو جَجُ ڏئي فتوي، ڪنهن لاءِ اهو چاڙِي!

*

واپارَ سُمهي پيا سَپُ!
ڪيڏا نہ هَڏا چوسي هاتارَ سُمهي پِيا سَپُ.

*

ڪهڙي نہ صَدي آهي!
واڳون نہ جِتي ڪيئِي اهڙِي بہ ندي آهي؟

*

اڳ جيئَن نہ جوکو ٿي،
هاڻي تہ هَلو سوچي، پيهار نہ دوکو ٿي!

*

Gul Hayat Institute

تون دوست ڪِٿي؟ وِڇُون!
حيوان چڱا آهن انسان نہ آهين تون!

*

اي شمع ٻُجهي ويندينءَ!
آ رات وَڏِي، ڪيئن تون روشنيون ڏيندينءَ؟

*

توڙي تہ پُراڻو آ،
هِن هَنڌ وَڏا پوريل، هي شهر اباڻو آ.

*

بيڪار وئي گولِي،
ڊوڙيو تہ ڪٿي ناهي هر هنڌ رڳي هولِي!

*

ڪنهن لاءِ اهي قبرون؟
اخبار پراڻيءَ تي تون آنهہ رڳو خبرون!

*

Gul Hayat Institute

انسان جِئَين ڪُتا!
ڊِسَ ڊِونڊَ ڊِسِي تِن جا، ڪئن ڏَندَ وجي ڪُتّا!

*

کھڙو نہ شهَر آهي!
◆ آ چنڊ اُهو پيالو، جنھن منجھہ زهر آهي.

*

هي سَڙڪ سويري ۾!
اڄ وڄ تہ اُداس آهي، ڪيڏي نہ آنڌيري ۾!

*

پيھلرَ بہ واڇوڙُو!
ڇا جِندَ ڇڏائيندو هاڻي بہ نِمي ڀوڙو؟

*

تِي پير ڌَنڀي ڌرتِي،
ڇُپ چاپ رهان ٿو مان ۽ روزُ رَنڀي ڌرتي.

*

Gul Hayat Institute

ڇا رات اڪيلي آ!
ڪوراڙِ جيان ڀيلو، ڪوئي بہ نہ ٻيلي آ!

*

◆ سنڌيءَ ۾ شهر ۽ زهر ۾ 'هہ' متحرڪ آهي. اُنکي ساڪن ڪرڻ فضول آهي.

❖ ڇا ڳالهہ اَدلَ آهي؟
سکرّ تہ ٺٺڏيرو آ يا مُندَ بدل آهي!

*

آهي نہ ايجا ٽيڙهي؟
ٿِي ساهُ ڪڍي ونڻ جو اُيري ٻہ تہ وَڻ ويڙهِي!

*

ڪيڏانهن وَڃِين ٿِي تون؟
آ تِڪَ گهٽي اڪِتي ڇا لَئہِ نہ مَڃين ٿِي تون!

*

اي لاڙَ! ڏکيو آهِين،
هو چَنڊُ، هَوا ڏاڍِي، پر تون تہ ٻُکيو آهِين!

*

بي حياءُ پاڙو آ،
آدمي ازل کان جِت موتَ جِئَن اگهاڙو آ.

*

❖ ادل: ادل سومرو.

Gul Hayat Institute

وَڏ ڦٽو پيو ٿاهي،
◆ ڪوئلون وَريون آهن، اَبَ اَبَ ۾ آهي.

*

جن وَتِ سڪا سُنهرا،
ڪيڏي اَتاهه اونده سي چَنڊ چَنڊ چهرا!

*

هو هونءَ ته دنيا ساريءَ ۾،
● پر جامَ جيان گلرنگ لڳو تي فيضَ لياريءَ ۾.

*

ويتا چَنڊ ڪيڏن!
ڄاڻن تا ڳهيراءُ ڪيو آ تن جو لياريءَ ڪيڏَن!

*

Gul Hayat Institute

ڳهرَ ڳهرَ ڳهاٽي ۾،
ٽاٽيدار ته وينو آهي، پنهنجي ٽاٽي ۾!

*

◆ تر ۾ ڪارن ڪڪرن کي ڪوئلون به چوندا آهن.

● فيض: فيض احمد فيض.

کيڏو ڏونهون آ!
هي رستو ڪيڏانهن وڃي ٿو، ڪوئي سونهون آ؟

*

هِن ويراني ۾،
ڏِس ڪيڏِي ڦَر مارِ هلِي ٿِي جوئا خاني ۾؟

*

ساڳي دنيا ناهي؟
ڪو پيرو مل هوندو پر ڀي هيءَ ڪراچي آهي!

*

سيَدَ، سيَدَ تون!
ڳالهه ڪرين ٿو ايڏي ڇا لَءِ، ڏيئي شَد مَد تون؟

*

آءُ ڪِلفتن آءُ!
سَمنڊ جيان جو ڪارو آهي، ياءُ نہ جاٽي ياءُ!

*

Gul Hayat Institute

سنڌي چوريءَ ڪي،
ڇڏ ڪٽي تون، ڏاج مليو آ ڪيڏو بوريءَ ڪي؟

*

ٻي ٻي سي ٻڌندين؟
روز ٻڌين ٿو ڪُوڙيون خبرون، ڪا سچي ٻڌندين؟

*

ڪيئي واتَ وَڏا!
مورڙيا! هِڪُ مانگر ناهي، ڪُنُ ڪلاچيءَ جا!

*

ڏس ٻپر پَڪا ڏاڍا،
گهر آءُ رلِي تُنهنجا اڄ ٻپر پَڪا ڏاڍا.

Gul Hayat Institute

*

ٻؤ ٻول هليو ويندو،
هِي چندُ چِمي ڏيئِي ٻو رول هليو ويندو!

*

پِي ڪُوهه تَري تائين!
هي چَنڊُ بہ پي وڃ جو، آ هيٺ پَري تائين!

*

جي جيءَ جَڏو آهي،
چو ڏيان ڏِيان ان تي، ڪيڏانهن لَڏو آهي؟

*

اڄ جَهڪَ لڳي ٿي پِئي،
تون نيٺ هلِي ايندينءَ مون پَڪَ لڳي ٿِي پِئي!

*

جئن پاڻ جُهلائي ٿِي،
اڄ آهہ بسنت آيو، هِي ٻيرِ ٻُڏائي ٿِي.

*

اڄ جِيئَن نہ واڙيءَ تي!
هي رات مٿي گذري جيڪر تہ پهاڙيءَ تي!

*

Gul Hayat Institute

آ ڪَلَّ پِئِي تو ڪا!
تي مُند پئي گذري ۽ ڏنگَ ٿيا ڏوڪا.

*

جهولا ٻہ هُيا جهولا،
ڪلهہ اَنب ڪِريا ايڏا تہ لوڪ پَريا چولا!

*

ڪلهہ راتِ پهاڙن جِي،
تي چنڊَ ڪئِي مونسان ڪا ٻاتِ پهاڙن جي.

*

ڪيڏا نہ پڪِي آيا،
پَر پاتِ پَريئِہ جيڏي، ايڏا نہ پڪي آيا.

*

Gul Hayat Institute

هيڪار خُبابن ڪي،
درياهہ ڪِناري ڏس، ڏي ٻاهہ ڪتابن کي!

*

آ ٻپر ٻِرِي ڪيڏي!
سڀ ٻپرَ ڇٽي ويندا، تون ڏونڌَ نہ ڏي ايڏي!

*

تون روڪ نہ ڪانياٽي!
ءِ ڇڏ تہ پکي پيئي ٻَل نَهر منجهان پاٽي!

*

نينديءَ ٻہ تہ تون ڇا ڇا!
درياھہ ڪٽي ويندو اي نمُ سندءِ ٻاڇا!

*

هي نِمُ مٽان ڪان ڪان،
ايندو ٻہ پرين ڪانگا يا ڪالهہ جيان ڪان ڪان!

Gul Hayat Institute

*

مونکان ٻہ ٻُجھون ڳالهيون!
ٿو سونَ ٻري جِن ۾ سي ڇَندَ مُڪَيَءِ ٽالهيون!

*

ائن ڏينهن تڳن تا پيا،
تا اَنبَ ٽُڪِن طوطا، جهولا بہ لڳن تا پيا!

*

جئن ياڙَ چُمِي ٿَڻَ تي،
تو ڏار چُمِي اَن کي آ چنڊُ لَٿو وڻَ تي.

*

ڪِٿ رَين بسيرو آ،
اڄ رات تَڏِي آهي پيو باٽَ انڌيرو آ!

*

چا هيل تِڙيا آهن!
جيڏانهن بہ هلنداسين رابيلَ ٽڙيا آهن!

*

Gul Hayat Institute

جڻ ڍَڪُ ڍَڪيو سانوڻ!
هوُ ڏينهَن ڏِٺي تو ۾ درياهہَ لڳا ڏانوڻ!

*

اڄ سُمهه نہ هِتي ڇَت تي،
ٿا ڳَلَ ٻَرن ٿُنهنجا، ٿو چَنڊُ چمي ڇَت تي!

*

هي آلَّ ٽِپهريءَ جا،
۽ واءُ سرءُ جي ۾ هِي پَلَّ ٽِپهريءَ جا!

*

پَل گِهنڊَ پيا ڪَڙڪن،
ٿا ڪونہ مُڙن طاطا، شهتوت پيا لَڙڪن.

*

زيتونَ ٻِرِي ٻيڙي،
اڄ رنگَ شفق جي ۾ ٿِي ڪِئَن نہ تَرِي ٻيڙِي!

*

Gul Hayat Institute

جنهن وقت گهِرينءَ گهر ۾،
۽ گهوٽَ ڏِنئِہ گهُوري تو سَچَ ڇڏيو دَر ۾.

*

جنهن وقت پَڪا آڙو،
تو ڪونہ ٻڌو مونکي ٿي آنءُ چيو ’ماڙهو‘!

*

هي مِينهَن ڪجورين تي!
جُهڙ آهہ ٿِيو گهاٽو هِي ڏينهَن ڪجورين تي!

*

ها سَسَ تہ چُڄَي آ!
پو ڪيئن پَروڙي وَئِي هي نُنهَن بہ تہ لَچَي آ!

*

هي ڪاٺ ڪٽِي ڪِيئون!
ڪئن رَنگ ڏِسِي ههڙا برداشت ڪري هِيئون!

*

ڏس رات رمِي پيئِي،
تارِي تہ تڙِي آهي، ڪا چيز جَمِي پيئي.

*

Gul Hayat Institute

هي سونَ وَنيون شامون!
چا سجُ پَرندو هو اُڏريو تہ لَڏيون لامون!

*

ڪيڏيون نہ چِتيوُن چوليُون!
اي چَنڊَ پِئي سمجهيون، توئِي تہ سَندن ٻوليون!

*

درياھہ سِتارن سان،
تو چَنڊُ وجي اُن ۾ ڪيڏانهن ڪِنارن سان؟

*

مون لاءِ فقيرن مان،
تو چنڊُ ستارن سان، سمجهو تہ اميرن مان!

*

Gul Hayat Institute

اڄ رات سُجاول ۾،
آ چنڊ ستارن جي ڪيڏيءَ نہ ڏگهيءَ وَل ۾!

*

◆ آ رات لَڙي راڄڙَ!
❖ قادر تہ پَيو پيئي، آ ٻَکَ لڳِي راڄڙَ!

*

آ رات لَتِي ساتي،
ڪجھہ نانھہ صراحيءَ ۾ ڪا ڀي بہ اَتِي ساتي!

*

ڪَن ڪانوَ پيا ’ڪان‘ ’ڪان‘،
ٿي سانجھِ سَرءُ جي آ، مان ڪجھہ تہ پيو سوچيان!

*

جرڻ موت هوا ۾ آ،
هي چنڊ سَرءُ جو آ، يا آگَ چِتا ۾ آ؟

*

Gul Hayat Institute

سَيِّ نِرَ ڪِتي ٿيندي يون،
اڪثر تہ نموريون ائن بيڪار ڇٽي ويندي يون!

*

◆ سرفراز راڄڙ.
❖ عبدالقادر جوڻيجو.

اَڄ چَنڊُ جھڪو آهي،
ڦهلاءُ سندس ٻَڙ تي ڪيڏو نہ ڦِڪو آهي!

*

چڻ سڄَ سَمائِي آ،
اڄ شام شَفق پَنهنجِي چانپِي تہ ٻٽائي آ!

*

بيڪارَ اُتيا آهن!
تو چنڊ لَهي هاڻي ريڊارَ اُتيا آهن.

*

پَل چارِ حياتيءَ جا!
ڇا لاءِ پيو ڳائين هِي گيت مماتيءَ جا؟

*

اهڙا نہ اَننتن جا،
کهڙا نہ چڱا آهن، هي گيتَ بسنتن جا!

*

Gul Hayat Institute

رابيل ڦُٽي آهي.
اڄ اِئن نہ سڳند اُن جي جئن هيلَ ڦٽي آهي.

*

ڇڻ ڏيلَ اُڏامي ٿي.
ٿي واءِ اُڏامي يا رابيلَ اُڏامي ٿي؟

*

ٿي دورَ رئِي جهومي،
آ لنب سُکو اُن جي پيلاڻِ پئِي جهومي.

*

هي شامَ، شَفق- لاوان
◆ آ لنب اَچا سائو، ميدان تہ ميٽاوان.

*

Gul Hayat Institute

مُڪڙي ٿي اَٿِي تڙ يا،
ڪو مُڳَ پيئہِ چِنبڙي، تو ڪيتَ پئِي ڦِريا!

*

◆ نوٽ: لنب جو ٻوٽو سُڪي، پيلو لڳندو آهي.

هي تَڙَ مَٿان هيرَڻُ
ٻِي ڏُکَ ٻہ ٿي ويٺو ڪا ڏينهن مسافر ڇڻ!

*

ڇا لاءِ نِميُون لاٿيُون؟
آ واءُ سرءُ جي يا هُو اُتَ ڳِچي تاٽيون؟

*

اَڌ رات، ڪجيون، نيِرو،
ڇا پو ٻہ لِڪي پِيئُون آ چنڊ تہ پاسِيرو؟

*

ٿي باک ڦٽي هاڻي،
تارا ٻہ ٻڏن تا پيا، ٿي رات ڪُٽي هاڻي.

*

Gul Hayat Institute

ٿو روجُهہ اَچي وِيريءَ،
ڪيڏو نہ اَجايل آ ڇڻ اوجهہ اَچي وِيريءَ!

*

اَڄ باک پَئِي هارِي،
جيڪا بہ چِڪي پيئي، سا ڊاک پَئِي هارِي.

*

هي راتِ ڪَڇهريءَ جي،
ڪيڏي نہ پئي آهي برساتِ ڪَڇهريءَ جي!

*

آ سمنڊ تہ آئينو،
◆ ڏس ڪئن نہ ٽُٻڙڪو ڏَئِي ڳَڙڪائي مَڃي ڪِينو!

*

برساتِ، اَڪيلائِي؟
ڇا لاءِ وَٽِي ٿِي بِئِي اڄ راتِ اَڪيلائِي!

*

Gul Hayat Institute

هي راتِ تَريءَ باهيون!
آ پَنڌُ پَري ڏاڍو، ڪجهہ وقت پَٽيُون ساهِيون.

*

◆ ڪينو: سمنڊ جو پکي.

اي هانوَ! لَنوِي ڪنهن سان!
◆ بَرسيمَ ڪجورين ۾ تو لانوَ لَنوِي ڪنهن سان؟

*

ڪيڏو نہ اُپارَ آهي!
آ سمنڊ ۾ پهريءَ جو ڪو آر نہ پارُ آهي!

*

هَوڏانهن نِمُون سايون،
هيڏانهن پَڙا پنهنجا سڀ ڳاڙهہ- سَرا پايون!

*

تون آهہ اگر واندِي،
ڇا سونهن لتاڙيندينءَ؟ گُل پوڪ نہ پيراندِي!

*

Gul Hayat Institute

ڇڻ گَجَ پَريان پاريُون،
ٿي ڪوهہَ مٿان آيون اِئن جهونجهڪڙِي نارِيُون!

*

◆ بَرسِيم: گاهہ جو اُتر ۾ ڪجورين جي وچ ۾ پوکيندا آهن.

اڄ هاءِ ڪجوڙين جُون،
اي چنڊ اُپيون پانهون تو لاءِ ڪجورين جون!

*

ڪيڏي نہ ڪُبي آهين؟
سارِيون تہ ويون ڪپجي ڄڻ تون تہ ٿُبي آهين!

*

سارنگَ پيا سارِيون،
ڪيڏي نہ اُساٽ آهي، اَڄ اُڄَّ جِئين آريون!

*

اهڙي تہ بُرِي آئي!
آ ڏيرُ تيو گهرڙو، ڪلهہ رات لَرِي آئي.

*

Gul Hayat Institute

هِي مرگهہ ڇپائي ڇڏ!
رينجر بہ اجهي آيا، اڄ ڪَنوارِ لِڪائي ڇڏ!

*

توِيا تہ هُيا ڪيئِي!
◆ ڪنهن جاءِ پَرِي جندو، تون راهہ رَمڻ پيئِي!

*

آ راتِ لَهِي آئِي،
تِي جامَ ستارن جا، مون لاءِ ڪَهِي آئي.

*

آڪاڙ مَتان اُپِري،
سج نِندَ منجهان نڪرِي تو لاڙَ متان اُپري!

*

تون آءُ تہ هِي تر آ!
ڇا لاءِ جُتي پائين ڇَڻ پَٽُ پَتيهر آ!

*

Gul Hayat Institute

جَهنڪار وجي تِي پٽي،
ڪنهن پنڌِ ڇڏيو ويڙهو؟ ڇا ڪنوار وجي تي پٽي.

*

◆ تر ۾ جنبن ۾ دلا پري بنهي پاسن کان رکندا آهن.

آ مُندَ انارن جي،
ڇُلڪاءِ نہ ڇورِي تون ھي بوءِ بھارن جي!

*

ھا، سَر بہ تہ ڪيئي ھا!
اي چَندَ ھُئين جن ۾ ساگر بہ گھٽيئي ھا!

*

ٿي چَندَ ڏنو سِينو،
ڪلھہ رات ھئي چوَڏس، ھو سمنڊ بہ آئينو.

*

سُھڻو تہ ھُيو سپنو!
پر پوبہ پڪيئڙي جو، پڄرو تہ ھُيو سپنو!

*

ميندِيءَ رَتَل ھٿ ۾،
ڪيڏو نہ وَڻي پيئِي اڄ يارَ ڪَتَل ھٿ ۾! ◆

*

◆ڪتل: ڪارڪ.

Gul Hayat Institute

چُپ چاپ نہ هڪ پَل هو!
لهرون تہ هُيون لهرون، پَر چنبُ بہ چنچَل هو!

*

اڄ مِينهَن پيو آهي،
ٿي سانجَهہ لَهي سَر تي ڪُجهہ ڏينُهن پَيو آهي.

*

تو ڏانهن ڪَهِي آيس،
اي چَنبُ گهتائن ۾ مان راتِ رَهِي آيس.

*

هي گهاٽَ مٿان گيڙُو،
تِرسول هيا هيٺان ۽ اَڀُّ مٿان تيڙو.

*

Gul Hayat Institute

چَڙ پَلَ اَڏامن ٿا.
آ وِيلَ تِپهريءَ جي، اڄ آلَّ اَڏامن ٿا.

*

ڇا سَردُ فضا آهي!
تِي رات ٿِئِي پُورِي ڪهڙي نہ هوا آهي!

*

هي واتَ وَڇيرن جي!
ڳَنڪار ٻُڌي آهي تو هيئَن ٻہ ڳيرن جي؟

*

ڏِسُ، ريت تہ آ ڳاڙِهِي!
جئَن سجَ لٿو تر تي، هر ڀٽ ٻڌي ساڙهي!

*

اسرارَ ڏسين ٿو تون!
◆ ڇَر واءُ جيان جنهن ۾ سو چارَ ڏسين ٿو تون؟

*

Gul Hayat Institute

هي ٻرَ ڇِڏي ننڍِ ٽيون!
جڻ جَجَ وَڃي تِي ڪا، ايڏيون تہ وڳيون گهَنڊٽيون!

*

◆ چار : ڪبڙ جو وڻ.

تي هيل ڏئي خوشبو،
ڪيڏي نہ عجب اڳ ڪان رابيل ڏئي خوشبو.

*

تو سڄَ لٿي راتِي!
آڪاشَ منجهان چوريءَ آندِي تہ نہ پوراٽي؟

*

پِي ڪي بہ ڪَهَل ناهي،
جئن گاهہَ مٿان هَرِٽِي، تو باڪَ مَهَل ناهي!

*

جنهن وقت بہ چانورڙو،
۽ آپ مٿان بادل، آ سڄَ بہ سانورڙو!

*

اڄ ڏينهن تہ چڻ ٽاندو!
◆ آ سڄَ لٿو پرپَر، پَر پوءِ بہ پوچاندو!

*

◆ پوچاندو: جتي پٽ جي پچاڙي هجي، ان جاءِ کي چئبو آهي.

Gul Hayat Institute

باادل نہ گُڙيا آهن،
اَڄ سُڄ اَپار آهي، هيرَڻ نہ هُڙيا آهن!

*

هو ڇَار مٿان دوڏو،
❖ ڪيڏانهن ويو اُڏرِي، جنهن ٻار ڏنو لوڏو؟

*

◆ ڄڻ ڪوسُ ٻوَڻ تي آن،
هيڪار ٻرِي آئينءَ ٻيهار ٻوَڻ تي آن؟

*

لُوٽاتَ ائين واريءَ،
جئن سَمندُ هٽي ڇوليون! آ واٿَ اَئين وارِيءَ!

*

Gul Hayat Institute

دڳُ روز اَلي ويندي،
ڪَنهن وقت سڳنڌ ايندي، ڪنهن وقت هَلِي ويندي.

*

❖ دوڏو: بلڪل ڪاري رنگ وارو، ڪانو ڪان ٿورو وڏو پکي.

◆ ٻوَڻ: ڪوهہ ۾ کُپي جنهن کي ڪوس (ٻوڪو) پاڻي ڀرڻ لاءِ هيٺ لاهبو آهي.

ڏِسُ سونَ مياٽيءَ تي،
ڪيڏي نہ شفق گهِري ڇا رنگُ نہ پاٽيءَ تي!

*

ڪيڏو تہ نہ آڪاڙهو!
آ سِجَ تَتو سَسُئِي! ٿو دور وڃي هاڙهو!

*

ڇا سانجهہ سُنهري آ!
پر عُمر تہ وَس ناهي هِيَ ناوَ اُبهري آ!

*

مَهراڻُ وَهي ٿو پيو.
تارَن تہ ڏنا ٿوپا پَهراڻُ ٿَهي ٿو پيو.

*

Gul Hayat Institute

ماندڙاڻُ اُڏيڙيو ٿِي!
اي راتِ، سندءِ جُگنوءَ پَهراڻ اُڏيڙيو ٿِي!

*

ٿي سيءُ نہ ڪارونجَهر!
وَڻ واءُ سُڪايا سَبُ ڪو جيءُ نہ ڪارونجَهر!

*

چيا راتَ ٻَري پيئِي!
جگنو تہ پيا چمڪن بَرسات ٻري پيئِي!

*

ٻَهڪي تہ پيو مورو!
اڄ مينهن پيو ڏاڍو مَهِڪي تہ پيو مورو!

*

ڪنهن مينهَن پِنل وَل ۾،
دل ڪِيئَن وَئِي وِڇڙي ڪلهہ راتِ سُجاوَل ۾!

*

Gul Hayat Institute

ڪلهہ رات سُجاوَل ۾،
جئن پارِ پُگِي ٻيڙي، تو ڏانهن پِگس پَل ۾.

*

ڪلھہ سِجُ تہ رانيُوتا،
اڄ ڏينھن تَريو آھي، ڪجھہ مينھَن پِنَا جُھوتا!

*

ھِي ڳالھڙِيُون ھُن سان!
ماٺھو تہ نہ مِتڙائو، جڻ لاتَ پيو ھان مان!

*

اَڄ رات عَجَبَ آھي!
گجگات ٿيا ڪيڏا، نَئن گاج غضب آھي!

*

ڇا رات رَتل آھي!
رابيل تِڙي آ اِئَن ، جڻ مَدُ مَتل آھي!

*

Gul Hayat Institute

ھي ڪارِ بتيون آھن،
تو لِيڙَ لڳي رَستو، تي چار چِتيون آھن!

*

هي راتِ اَماوَس جِي!
اَڌ راتِ اَتي ويندينءَ، تو ڳالھ نہ وَس جي!

*

ماڻھو تہ کُہا آهن!
برساتِ پئي آهي، ڪيڏا نہ ڏُہا آهن!

*

چا جيءَ پيو جِھمڪي!
جي آگ اُجهامي وئي، ڏِس! وِچُ پئي چِمڪي.

*

ڪَڙڪات کِنوَڻ جا بُڌ!
ڪيڏا نہ پکي اُڏريا ترڪاتَ تہ وَڻ جا بُڌ!

*

Gul Hayat Institute

آ مُنڊ نمورين جي،
چِٽنديون بہ تہ چا تيندو، ڏِس ڇيڄَ تہ ڇورين جي!

*

برسات پَئي آ ٿَر،
اڄ ڪالهہَ نہ ڪاريهَر جِئن راتِ ڪٽي ٿي ڪَرَ!

*

تون آءُ اَٿي سانوَڻ!
ڪر چَنڊَ جِيان سَرڇِي پَرچاءُ اَٿي سانوَڻ!

*

هي گهنڊ مٿان پوپٽُ،
◆ جئن گهنڊ وِڱو، اُڏريو آڪاسِ ڪَيائِين گهٽُ!

*

ڪٺ راتِ پئي آهي!
هر جاءِ وُٺو سانوڻُ برساتِ پئي آهي!

*

Gul Hayat Institute

وَڻ ٽَڻ تہ ڏٺاري وَئي،
برساتِ پئي ايڏِي ٿوهر بہ ٿلاري وَئِي!

*

ڏِس، وِڄَ ڪِلي آهي!
هي بَڄَ گهٽائُن جي، چڙ راتِ پِلي آهي!

*

◆ گهٽُ: رستو.

سنگيت ڇڙي آهي،
ڇڻ منُد ڦري ويئي، ٽانگر تہ ٽِڙي آهي!

*

ڇَوَندين تہ گلاب آهي،
ٿو آنءُ ڏسان خوشبو، مون لاءِ نقاب آهي!

*

جئن ديدَ دَري ٻُوٽِي،
هڪ ڪارِ پئي آئِي ڪيڏانهن وَئِي گم ٿِي؟

*

رانئِي ريتيءَ رُوءِ،
هي جا پِٺَن پاڪُرين اهڙي ڪائي جُوءِ!

*

Gul Hayat Institute

آڌيءَ راتِ اَبوءِ!
ڪيڏا تارا آڀَ ۾ جن کي ناهي پوءِ!

*

جهونجهڪڙي ۾ ماٿَ!
ڪنهنجا ڪنهنجا ميرا ڪَپڙا توتي ڌوبي گهاٽ؟

*

نيوفيلڊس جو ايندڙ نئون ڪتاب

اوڙاهه (ناول)

غلام نبي مغل جو نئون ناول جيڪو تاريخ جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن سنڌين تي ظالمن جو ظلم انتها تي پهچي چڪو هو. موت سنڌين سان پاڇي وانگر هر وقت گڏ هوندو هو. ڪاٿ جاءِ سنڌين لاءِ محفوظ نه رهي هئي. اهڙي حالتن ۾ جڏهن سنڌين متحد تي يڪراءِ فيصلو ڪيو ته......

نيو فيلڊس جو تازو شايع ٿيل ڪتاب

سنڌي ادب جو مختصر جائزو

(سي- ايس- ايس ۽ پي- سي- ايس جي شاگردن لاءِ)

مقابلي جي امتحان ۾ ويهندڙ اميدوارن لاءِ هڪ انمول ڪتاب. جيڪو بلڪل سليبس جي مطابق لکيو ويو آهي. سليبس ۾ ڄاڻايل 28 ڪتابن پڙهڻ جي بجاءِ (جيڪي تقريباً اڻ لڀ آهن) هڪ ئي ڪارائتو ڪتاب پڙهندا. ايم. اي سنڌي جي شاگردن لاءِ پڻ فائدي مند ڪتاب آهي. مصنف: اڪبر لغاري- قيمت -/55 رپيا.

شيخ اياز جا تازا شايع ٿيل ٻه نوان ڪتاب

ڪَتين ڪَرَ موڙيا جڏهن (ڀاڱو I)

شيخ اياز هن ڪتاب ۾ 1200 بيت ڏنل آهن جيڪي تن هارٽ اٽيڪ دوران احساسن متعلق آهن ۽ 104 صفحن جو طويل مهاڳ اٿس جيڪو موت جي فلسفي تي لکيل آهي. صفحا 362- ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- قيمت -/90 رپيا.

ڪَتين ڪَرَ موڙيا جڏهن (ڀاڱو II)

شيخ اياز جي هن نئين ڪتاب ۾ 180 وايون، آزا نظمَ ۽ نظمن کان علاوه دنيا جي چوٽي جي 120 اديبن، شاعرن، سائنسدانن، دانشورن، فلاسافرن، مفڪرن، سياستدانن، عالمن، ليڊرن، ڄاڻن، وغيره تي نوٽس لکيل آهن. جن مان ڪجهه جا نالا هي آهن: البرٽ ڪامو، ابن رشد، ابن سينا، ارسطو، استالن، افلاطون، البيروني، امام رازي، امام غزالي، امير خسرو، اوسپينسڪي، ائنا اخمتووا، ايمرسن، ايورسٽ، برگسان، برونو، بڪونن، بيدوون، ٻڌ، ٽالسٽاءِ، ٽراٽسڪي، رابندر ناٿ ٽئگور، پيلونرودا، پشڪن، جان لاڪ، چي گيويرا، ڊارون، روسو، ريفل، سئفو، شاهه ولي الله، شوپنهار، شولو خوف، شيڪسپيئر، علامه اقبال، عمر خيام، غالب، فارابي، فيڊو، ڪارل مارڪس، ڪافڪا، ڪانٽ، ڪرٽو، گاڊون، وليم، گوئٽي، لزسٽ، لينن، مالرون آندري، مائيڪل اينجل، موزارٽ، گانڌي، نٽشي، والٽيئر، وئگنر، هني بال، هومر، هيگل، هيمنگوي، هيوم وغيره. صفحا 394 خوبصورت ٽائيٽل. قميت -/100 رپيا.

Gul Hayat Institute

ڀل نامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
١٢	٢٠	تي	ته
١٣	٧	آهي	آهن
١٣	٢١	ڳاڙهين	ڳاڙهيون
٣١	٢	لَٽوَٽ	لٽوَن
٣٤	٦	ڦتي	ڦتيءَ
٣٧	٦	درياهَ ته سڄو	درياه سڄو
٤٣	٧	تو	تون
٤٩	٤	سندوءَ	سِندوءَ
٥٦	٥	روح	رُوح
٥٨	[illegible]	ڪاڏانهن	ڪيڏانهن
٥٩	٣	هُل	هَل
٦١	٣	چُپ	چَپ
٦٦	٥	ڏرتي!	ڏرتي
٧٢	٦	ڏاهي!	ناهي
٧٤	١	ڪيڏيون	ڪيڏيون
٧٤	٢	تِن،	مَن
٧٧	٩	ڪلاڪن	ڪلالن
٧٧	١٠	ڪلاڪن	ڪلالن
٧٩	٢	شِيام	شيام
٨٤	٢	ٿا ابر اچن وڃُ ٿي	ٿا ابر اچن وڃ لئي
٨٨	١٠	سوڏي	سوڏي
١٣١	٧	چَپ	چَپ
١٥٨	١	لٽنو،ي	لٽنو،ي
١٦٩	٢	نه	نه آ

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

نو فيلڊس جا شايع ٿيل ڪتاب

.1	بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم ٿيل)
.2	جيل ۾ 22 مهينا (ڀاڱو 1)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
.3	اڌ ملاقات (خطَ)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
.4	جيل ڪاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
.5	جيل ۾ 22 مهينا (ڀاڱو 2)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
.6	زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
.7	4- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	–	20/-
.8	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	–	(ختم ٿيل)
.9	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	45/-
.10	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
.11	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو 1)	–	(ختم ٿيل)
.12	ٿڌا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
.13	وايون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
.14	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو 2)	–	(ختم ٿيل)
.15	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
.16	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	(ختم ٿيل)
.17	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
.18	ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
.19	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	–	(ختم ٿيل)
.20	دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مددعلي سنڌي	(ختم ٿيل)
.21	دل جو بندر (ناول)	انُورل آئيويس/ نصيراعجاز	(ختم ٿيل)
.22	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	(ختم ٿيل)
.23	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
.24	ڪنهن سان سور سليان	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
.25	فڪر جي آزادي	آسٽيفن زويگ/ ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
.26	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
.27	غلامن جو ٻيڙو (ناول)	ايرڪ ڪاربر/ دوست محمد پتي	(ختم ٿيل)
.28	سي ٽي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
.29	عاشي (ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
.30	سي ٻيڙون رکين ڀاڄه سين (سفرنامو)	الطاف شيخ	20/-
.31	سڌارٿ (ناول)	هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي	20/-
.32	جپان رس (ڪهاڻيون)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
.33	روح جي ڳولا (ناول)	مترجم: فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
.34	درد جا ڏينهن، درد جون راتيون	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
.35	سانبوهو سمونڊ جو (سفرنامو)	الطاف شيخ	50/-
.36	سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	30/-
.37	آسيه (ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
.38	قلندر (ڪهاڻيون)	قرت العين حيدر/ مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
.39	الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
.40	سزا جا سک	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
.41	بهترين سفرناما	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)

Gul Hayat Institute

42.	للڪار (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
43.	ٽڪل سريت (ڪهاڻيون)	البرٽو موراويا/ وليرام ولڀ	(ختم ٿيل)
44.	لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
45.	تصوير جو خون	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
46.	حليم شو	حليم بروهي	(ختم ٿيل)
47.	پارن جون آڪاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
48.	سپون	خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي	25/-
49.	سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو)	قاضي عبدالمجيد عابد	(ختم ٿيل)
50.	آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	35/-
51.	چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
52.	مس سدا بهار چنبيلي (ناول)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
53.	پيار ڪهاڻي (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
54.	نيگرو عشق ۽ بغاوت	ڪرسٽوفر نڪول/ نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
55.	شرم پوتِ (ناول)	گوبند مالهي	(ختم ٿيل)
56.	اڳي ايئن هياس (جلد 1)	فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
57.	پرهه ڪان پهرين (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
58.	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
59.	رج ۽ پاڇا (ناول)	موهن ڪلپنا	(ختم ٿيل)
60.	مون توکي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيرانندائي	(ختم ٿيل)
61.	آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
62.	شاهه لطيف جي شاعري (جلد II)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
63.	آئي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	(ختم ٿيل)
64.	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
65.	ادو عبدالرحمان	امر لعل هنگوراڻي	12/-
66.	ڊرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	40/-
67.	دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
68.	پيغامبر	خليل جبران/ ستار	(ختم ٿيل)
69.	همہ اوست (ناول)	آغا سليم	35/-
70.	اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٿيل)
71.	آئيني جي اڳيان	17 ساهتڪار	12/-
72.	چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
73.	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
74.	الون ماٺهون (ڪهاڻيون)	سراج	25/-
75.	ٻہ ننڍا ناول (ٻہ ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
76.	اڳي ايئن هياس (جلد 2)	فضل احمد بچاڻي	25/-
77.	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
78.	واٽ ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
79.	مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
80.	ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
81.	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	60/-
82.	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
83.	چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)

Gul Hayat Institute

84.	ڀڳت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
85.	ست يوگوسلاويائي آکاڻيون	جڳت آڏواڻي	10/-
86.	ست ڪشميري آکاڻيون	اختر محيعدين/ ايشور چندر	12/-
87.	پن ڇڻ ۾ چنڊ (شاعري)	آغا سلم	20/-
88.	ڪوالالمپور ڪجهه ڪوه. (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
89.	ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
90.	سڏن مٿي سڏڙا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
91.	گانڌي	لوئي فشر/ نجم عباسي	(ختم ٿيل)
92.	پڳل ڪنيڙائيون	خليل جبران/ عبدالله الفائز	25/-
93.	ماستر هريام جو بنڪاڪ وڃڻ...	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
94.	ڪي جو ڀيجل ٻوليو (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
95.	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
96.	خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو I)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
97.	دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
98.	ڏيٺا تيل ڦليل جا	علي احمد بروهي	45/-
99.	راج- گهاٽ تي چنڊ (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
100.	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
101.	تلاش (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
102.	لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
103.	ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون	الطاف شخ	(ختم ٿيل)
104.	مرڻ مون سين آهه (ناول)	سراج	60/-
105.	پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	50/-
106.	رات وچ ۾ (ناول)	بريٽ هيليڊي/ فضل احمد بچاڻي	20/-
107.	ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
108.	اک سور (ناول)	رابندر ناٿ ٽئگور	50/-
109.	جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
110.	رلي ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	40/-
111.	ماستريائي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	(ختم ٿيل)
112.	آڪن نيرا ڦليا (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
113.	منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول)	سراج	25/-
114.	رڻ ۾ رج جو اتهاس (ڪهاڻيون)	نورالهدیٰ شاهه	(ختم ٿيل)
115.	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	(ختم ٿيل)
116.	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	55/-
117.	جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهدیٰ شاهه	50/-
118.	جڏهن مان نہ هوندس (ڪهاڻيون)	امر جليل	50/-
119.	يونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
120.	راهون چنڊ ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	60/-
121.	يادين جي انڊلٺ	الطاف شيخ	50/-
122.	جهڙ نيڻان نہ لهي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
123.	وقت وڻيون وچونيون (ناول)	ڪلا پرڪاش	20/-
124.	شاهه لطيف جي شاعري (جلد I, II ۽ III)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
125.	تنهنجي دنيا، سپ رنگ سانول (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)

Gul Hayat Institute

126.	وڄون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
127.	ونڊ سر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	20/-
128.	ڳالهيون آهن ڳچ (سفرنامو)	الطاف شيخ	55/-
129.	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	30/-
130.	پنهل کان پوءِ جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
131.	منهن ٽنين مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	30/-
132.	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	80/-
133.	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو	70/-
134.	اڻين ڪٽا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	30/-
135.	اُڀر چنڊ پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	80/-
136.	منهنجي دنيا مرگهه ترشنا (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
137.	اي جرني ٽو ٿائلنڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
138.	پتڻ ٿو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	50/-
139.	مٺي مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	33/-
140.	منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)	امر جليل	40/-
141.	دنيا پنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	30/-
142.	سوزيءَ سان پيار	الطاف شيخ	60/-
143.	هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	60/-
144.	خطَ، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو II)	شيخ اياز	60/-
145.	ڪوٽ لکپت جو قيدي	رسول بخش پليجو	130/-
146.	لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	80/-
147.	سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	80/-
148.	ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واٽون ڦلن ڇائيون	شيخ اياز	60/-
149.	ڪربلا (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاهه	65/-
150.	تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
151.	رهجي ويل منظر (ناول)	طارق عالم ابڙو	50/-
152.	پسي ڳاڙها گل (ڪهاڻيون)	رسول بخش پليجو	45/-
153.	دل جي دنيا (ڪهاڻيون)	امر جليل	45/-
154.	الوداعي گيت (شاعري)	شيخ اياز	40/-
155.	خبرون کيڙائن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	50/-
156.	پاپ ۽ پيڙا (ناول)	ڊوسٽو وسڪي/ رشيد ڀٽي	50/-
157.	ڪَتين ڪَر موڙيا جڏهن- I (شاعري)	شيخ اياز	90/-
158.	ورهاڱي جو ورجاءُ	ماهتاب محبوب	45/-
159.	مٺ مٺ موتين جي	محمد ابراهيم جويو	85/-
160.	قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ	نورالهديٰ شاهه	55/-
161.	اوهريا جي عميق ڏي (سفرنامو)	الطاف شيخ	50/-
162.	وهڻ مون نه وڙاءُ	رسول بخش پليجو	55/-
163.	سنڌي ادب جو مختصر جائزو	اڪبر لغاري	55/-
164.	ڪَتين ڪَر موڙيا جڏهن- II (شاعري)	شيخ اياز	100/-

Gul Hayat Institute

گهرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
فون نمبر: 610108 ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.